
# "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ واڌارن سڌارن لاءِ ليکڪ، محقق ۽ ماهر سهڪار ڪن"

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي رهيل جُلدن جي تياريءَ جو ڪم هلندڙ آهي. هن انسائيڪلوپيڊيا ۾ تاريخ، ادب، سياست، سائنس، ارضيات، حيوانيات، جاگرافي، قديم آثارن، راندين، ريتن رسمن، ادارن جي داخلائن کان علاوه علمي ادبي، سماجي، سياسي ۽ فن سان لاڳاپيل شخصيتن جا تعارف پڻ شامل آهن. ان سلسلي ۾ محققن، استادن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪجي ٿي ته جيڪڏهن 'سنڌيانا' ۾ آيل انهن اسمن ۾ ڪو ضروري سڌارو يا واڌارو لازم هجي ته ان جي نشاندهي مستند حوالن ۽ شاهدين سان اداري کي لکت ۾ ( اي ميل، واٽس ائپ يا خط) ذريعي موڪلين، ته جيئن هن اهم دستاويز کي وقت سان گڏ وڌيڪ مستند ۽ جامع بڻائي اڳيرو ڪري سگهجي. ان کان علاوه انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي (الف کان غ تائين) ڇپيل 12 جُلدن ۾ جيڪڏهن ڪا اهم داخلا رهجي وئي هجي ته ان جي نشاندهيءَ سان گڏ لاڳاپيل مواد (تصويرن ۽ حوالن سان) موڪلي سگهو ٿا. مقرر ٿيل ايڊيٽوريل بورڊ نئين پهتل مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪندو.




رابطي لاءِ: 0229240231, واٽس ائپ: 03332877710,

اي ميل: contact@sindhila.edu.pk

khanjarwar7@gmail.com


## سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا تازو شايع ٿيل ڪتاب



خبرنامو
# سنڌي ٻولي
حيدرآباد

مئي-آگسٽ 2023ع

جلد23: شمارو ٻيو 2023ع

Email: khabarnamo@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سيڪريٽري:
ڊاڪٽر احسان دانش

ايڊيٽر:
شوڪت چاچڙ
سليم جروار

ٻانهن ٻيلي:
نغما ابڙو

گرافڪس ڊزائينر:
فيصل ميمڻ

فوٽوگرافي:
شوڪت شاهاڻي

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد

## اداريو

علمي ادارا ڪنهن بہ قوم جي تاريخي ۽ تهذيبي سڃاڻپ جا اهڃاڻ ٿين ٿا. جيڪڏهن اهي ادارا پنهنجي بنيادي مقصدن تحت سرگرم رهن ٿا تہ ان جا نتيجا سماج تي پڻ اثر ڇڏيندا آهن. ساڳيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پڻ هن جديد دور ۾ سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. پنهنجي ٻوليءَ سان محبت، اُن جي آئيندي جي اُوني ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ پتوڙڻ واري جذبي ڪي هن اداري هر عام-خاص ۾ اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن مخزن ذريعي اداري جون سرگرميون هر چوٿين مهيني اوهان ڪي پڙهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. اوهان هن مخزن جو ڪوبہ صفحو کولي ڏسو تہ اوهان ڪي هي ادارو اڳي کان اڳرو نظر ايندو. گذريل سال کان اداري جي انتظامي ڪوششن جي نتيجي ۾ ٿيل اڳڀرايون پڻ ڪاميابيءَ جو چٽو ثبوت آهن. ان سڄي جستجوءَ پٺيان اداري جي سربراهہ ۽ موجوده چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي بصارت (Vision) ۽ انتظامي اهليت ئي آهي، جنهن پنهنجي سٽ جي عملدارن ڪي متحرڪ ڪري، اداري ڪي پنهنجي نصب العين تحت ڪاميابيءَ جي پيچري تي آندو آهي. هن اداري ۾ گذريل سال کان روايتي سرگرمين بجاءِ نِت نون موضوعن تي سيمينار، ڪانفرنسون ۽ نوجوانن ڪي ٻوليءَ جي تحقيق طرف مائل ڪرڻ لاءِ تربيتي ورڪشاپن جو سلسلو جاري آهي. هن اداري ۾ هاڻي ٻوليءَ جي دائري ڪار مطابق موضوع وار ڪتاب ۽ لغتون شايع ٿين پيون. اداري جو تحقيقي جرنل پڻ پنهنجي معيار ڪي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. جيڪو نئين انداز سان ڇپايو پيو وڃي. تحقيقي جرنل سميت اٿارٽيءَ جا انيڪ ڪتاب آنلائن بہ پڙهي سگهجن ٿا. هن اداري ڪيتريون ئي موبائيل ايپليڪيشنون تيار ڪيون آهن. اهو سمورو ڪم وضعدار ۽ متحرڪ انتظاميا ۽ ان جي ٽيم جي محنت جو نتيجو آهي.

اُميد ڪجي ٿي تہ هر ڀيري جيان هي خبرنامو پڻ اوهان ڪي پسند ايندو.

ايڊيٽر

## سنڌي الفابيٽ نافذ ٿيڻ جو ڏهاڙو

# سيمينار ۽ ”سنڌي ٻولي ايوارڊ“ تقريب



سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ ’سنڌي آئيوڊنا‘ جي نافذ ٿيڻ واري ڏهاڙي (13 جولاءِ 1853ع) جي مناسبت سان هڪ سيمينار منعقد ٿيو ان موقعي تي 2020ع، 2021ع ۽ 2022ع جا ’سنڌي ٻولي ايوارڊ‘ پڻ ڏنا ويا. سيمينار ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن 13 جولاءِ کي سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي ڏينهن قرار ڏيندي چيو ته اجوڪي ڏينهن تي 1853 تي انگريز سرڪار موجوده 52 اکرن تي مشتمل سنڌي الفابيٽ کي نافذ ڪيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ انتهائي اهم ۽ تاريخي قدم هو.

سيمينار جي صدارت ڪندي ناميارِي




اديب ۽ عالم ڊاڪٽر قاضي خادم چيو ته ”سنڌ تي مختلف دورن ۾ قبضا ٿيا ۽ ڌارين جي حڪمراني رهي، جنهن سان سنڌ جي ثقافت ۽ ٻوليءَ تي پڻ اثر پيا، پر انگريزن سنڌ تي حاڪميءَ دوران جيڪي سٺا ڪم ڪيا انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي تسليم ڪندي ان کي رائج ڪرڻ به واڪاڻ جوڳو عمل هو. اجوڪي ڏينهن تي سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ نافذ ٿي ان ڪري هن ڏينهن کي تاريخي ڏينهن سمجهون ٿا. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ تي تحقيقي ڪتابن ۽ مقالن تي انعام ڏيڻ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ وڏو قدم آهي، ان لاءِ اداري کي جس هجي.

اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته ”جولاءِ جو مهينو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڀاڳوند مهينو آهي، جو هن ئي مهيني 13 جولاءِ 1853ع تي موجوده رسم الخط کي وڏ ۾ وڏ معياري بڻائي رائج ڪيو ويو ۽ 1972 ۾ 7 جولاءِ تي سنڌي ٻوليءَ جو بل پيش ڪيو ويو. هن چيو ته ٻولي ڪا بيٺل شئي نه آهي، اها فطرت، سماج ۽ زندگيءَ وانگر بدلجندڙ آهي. ان ڪري سنڌي ٻولي به تبديليءَ جي ان مرحلي مان گذرندي رهي آهي. اسان کي معياري ۽ مثبت تبديليون قبول ڪرڻيون پونديون ۽ منفي تبديلين کي روڪڻ لاءِ هڪ قوم طور پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اسان سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ عالمن ۽ محققن کي مسلسل اتساهي رهيا آهيون. جيئن ٻوليءَ جا نوان ۽ جديد دور جي گهرجن کي سمجهندڙ محقق پيدا ڪري سگهجن. هن ٻڌايو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ، قهلاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ هر ممڪن اپاءَ وٺي رهيو آهي.“

سيمينار کي خطاب ڪندي ناليواري محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو ته ”13 جولاءِ تي سنڌي ٻوليءَ خاص ڪري سنڌي ’الف - ب‘ جي رائج ٿيڻ سبب اسان لاءِ ڀاڳن ڀريو ڏينهن آهي، ڇاڪاڻ ته اجوڪي ڏينهن تي پوڻا ٻه سئو سال اڳ موجوده لپي نافذ ڪئي وئي. هن وڌيڪ چيو ته تاريخي طور سنڌو لکت جا چٽا ثبوت هزارين سالن کان ملن ٿا، پر مختلف حملي آورن جي قبضن جي ڪري سرڪاري طور سنڌ ۾ مختلف ٻوليون مڙهيون ويون، پر سنڌ جا اصلي ماڻهو پنهنجي پنهنجي لکت ۾ لکندا رهيا. جڏهن انگريزن قبضو ڪيو ته هنن اصل حقيقت کي محسوس ڪندي، سنڌ ۾ رائج مختلف لکتن جو اڀياس ڪري موجوده عربي سنڌي ’الف - ب‘ کي مقرر ڪري 13 جولاءِ 1853ع تي رائج ڪيو.“

ناميارِي اديب ۽ محقق مدد علي سنڌيءَ چيو ته ”سنڌي ٻوليءَ جي آئيوڊنا کي اڄ کان 170 سال اڳ لاڳو ڪيو ويو هو ان خوش قسمت ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي هر دل عزيز ڪمشنر بارٽل فريئر، مسٽر ايلس ۽ ان وقت جي آئيوڊنا ٺاهيندڙ ڪميٽيءَ کي ضرور ياد ڪرڻ گهرجي جن هي




















عظيم فيصلو ڪيو. هن چيو ته زنده قومون پنهنجي محسنن کي سدائين ياد رکنديون آهن. اسان کي انهن شخصيتن کي نه فقط ياد ڪرڻ گهرجي پر سندن خدمتن بابت اڄوڪي نسل کي واقف ڪرڻ به نهايت ضروري آهي ته جيئن نئين نسل کي ٻوليءَ جي اهميت جو احساس ٿئي.


پروفيسر اعجاز قريشيءَ خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته "اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ لاڳو ٿيڻ جو ڏينهن آهي، جنهن کي تاريخي طور ياد ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌي ٻولي دنيا جي ٻولين ۾ هڪ اهم ۽ سڌريل ٻولي آهي، ماضيءَ ۾ هن ٻوليءَ سان ويساهه گهاتيون ٿيون پر پوءِ به هيءَ ٻولي قائم ۽ دائم آهي. هاڻ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ سمورين ڌرين کي سخت محنت ڪرڻ گهرجي."

ٻوليءَ جي ڄاڻو ڊاڪٽر آفتاب ابڙي چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ تي صحيح معنيٰ ۾ تحقيق ڪانه ڪئي وئي آهي ان جي مختلف پاسن تي ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي." ناليواري تعليمدان ڊاڪٽر تهمينه مفتيءَ چيو ته "اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ خوشين ڀريو ڏينهن آهي. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران نه فقط ان ڏينهن کي ملهايو پيو وڃي پر ان ڏينهن تي سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪتابن ۽ مقالن جي ليکڪن کي ايوارڊ ڏنا پيا وڃن جيڪا وڏيڪ خوشي جي ڳالهه آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي، مقالو پيش ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب (سنڌي لسانيات: تنقيدي ۽ تحقيقي اڀياس) تي ڳالهائيندي چيو ته ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جو وڏو ماهر ۽ عالم ٿي گذريو آهي سندس هي ڪتاب لسانيات جي شاگردن لاءِ رهنما يا گائيڊ ڪتاب آهي. هن چيو ته الانا صاحب هن ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي حرف صحيح لفظي گهاڙيٽن، رسم الخط، ٻوليءَ جي لهجن ،سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي ۽ تعليمي اهميت بابت تفصيل سان تحقيقي بنيادن تي لکيو آهي. هي ڪتاب لسانيات تي تحقيق جا نوان زاويا ۽ رخ کوليندو."

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته "سنڌي










ٻوليءَ جي بااختيار اداري پنهنجي مقصدن کي سامهون رکندي، سنڌي آئيوپٽا جو ڏينهن ملهائي پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي. هن چيو ته اداري سنڌي ٻوليءَ تي گهڻ رخو ڪم ڪندڙ عالمن، اديبن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن کي سندن پورهيي جو مان ڏيندي ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي.

"اڄوڪي اهم ڏينهن کي ياد ڪرڻ سان نئين نسل ۾ ٻوليءَ جي اهميت ۽ تاريخ جي علم بابت اضافو ٿيندو. هن سال اسان گڏيل طور ٽن سالن جا ايوارڊ ڏئي رهيا آهيون. ادارو سنڌي ٻوليءَ تي ڪاغذ کان اسڪرين تائين ڪم ڪندڙ فردن






کي سدائين اتساهيندو رهندو آهي."

ناليواري ليکڪ نصير مرزا، ڊاڪٽر فياض لطيف جي ڪتاب "شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت" تي تبصرو ڪندي چيو ته "شيخ اياز سنڌ جو تمام وڏو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ تي لطيف جو نمايان اثر آهي ان ڪري ضرورت هئي ته اياز جي شاعريءَ جي لغت تيار ٿئي. جيڪا نوجوان نسل کي ايازشناسيءَ بابت رهنمائي ڪري ۽ اهو ڪم ڊاڪٽر فياض لطيف بهترين طريقي سان ڪري ڏيکاريو آهي. جنهن ۾ هن اياز جي لفظن جي معني خوبصورت انداز ۾ ڏني آهي. هن چيو ته ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي شاعريءَ جي لغت کانسواءِ اياز تي ٻيا ڪتاب پڻ لکيا ۽ ان تي پي ايڇ ڊي به ڪئي آهي. "سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ماهر امر فياض ٻرڙي چيو ته "هن جديد دور ۾ اسان جو نوجوان ڊجيٽلائيزيشن جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪم ڪري رهيو آهي، سنڌ سلامت ويب سائيٽ هڪ اهڙو فورم آهي جتي سوين ڪتاب پڙهندڙن لاءِ موجود آهن. هن فورم جي ساٿي عبيد ٿهيم کي سنڌي ڪتابن جي ايپ جو ايوارڊ ملڻ ان ڳالهه کي ثابت ڪري ٿو ته دنيا جتي مصنوعي ذهانت ذريعي وسيلا بچائڻ جا طريقا ڳولي پئي ان وقت ۾ اسان به ان شعبي ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهيون."

ليکڪ دين محمد ڪلهوڙي، ڊاڪٽر الطاف جوکئي جي ڪتاب 'عربي-سنڌي اکر جو اڀياس' تي تبصرو ڪندي چيو ته "هي ڪتاب درسي ڪتابن ۾ اکرن جي مطالعي بابت اهم ڪتاب آهي، اکرن جي مختلف صورتن بابت ڪتابن ۽ اخبارن ۾ جيڪي غلطيون ٿيندڙ ٿيون انهن تي تفصيلي تحقيقي بحث ٿيل آهي، هي ڪتاب محققن لاءِ تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو."

هن سيمينار دوران سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيقي ڪتابن، مقالن ۽ سنڌي سافٽويئر ٺاهڻ تي 'سنڌي ٻولي ايوارڊ' پڻ ورهايا ويا. مختلف ججن جي فيصلي تحت 2020ع جي بهترين تحقيقي ڪتاب جو ايوارڊ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڇپيل ڪتاب، سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، کي ڏنو ويو جيڪو سندس پوٽي ڊاڪٽر روميءَ وصول ڪيو. جڏهن ته تحقيقي مقالي جو ايوارڊ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي مقالي "جديد سنڌي گرامر جي ضرورت" کي مليو.

2021ع ۾ ڇپيل ڊاڪٽر الطاف جوکيي جي ڪتاب "عربي - سنڌي اکر جو اڀياس" کي بهترين ڪتاب جو ايوارڊ، مقالي جو ايوارڊ ڊاڪٽر سڄاد رئيسي / ڊاڪٽر عنايت الله پٺاڻ جي گڏيل مقالي "گلگت- بلتستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي قبيلن جا اهڃاڻ" جڏهن ته سافٽ وئير ۾ ايپ جو ايوارڊ عبيد ٿهيم جي 'سنڌ سلامت ڪتاب گهر' کي مليو.

2022ع ۾ ڇپيل، ڊاڪٽر فياض لطيف جي "شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت" بهترين ڪتاب جو ايوارڊ حاصل ڪيو مقالي جو ايوارڊ ڊاڪٽر الطاف جوکيي جي مقالي "اسم سان حرف جر سبب 'ءُ' جي استعمال جو جائزو" ۽ سافٽ وئير جو ايوارڊ، محمد شفيق احمد جي ايپ ""سنڌي اردو ڪيپيڊ" کي مليو.

سڀني ايوارڊ ماڻيندڙن کي اداري پاران تيار ڪيل منفرد 'سنڌي ٻولي ايوارڊ' سان گڏ روڪ انعام (ڪتاب تي هڪ لک رپيا، مقالي تي ٽيهه هزار رپيا ۽ سافٽ ويئر تي پنجاهه هزار رپيا) جا چيڪ پڻ ڏنا ويا.

# اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 41 هين گڏجاڻي





سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 41 هين گڏجاڻي، تاريخ 08 آگسٽ 2023ع تي، اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت هيٺ ٿي گذري. جنهن ۾ جناب مدد علي سنڌي، جناب عبدالغني مهر (ايڊيشنل سيڪريٽري، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ) جناب جامي چانڊيو جناب مختيار احمد ملاح، جناب ادريس جتوئي، جناب امر فياض ٻرڙو، جناب پارو مل امراڻي ۽ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش شرڪت ڪئي.

گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، ترويج ۽ جاڳرتا جي حوالي سان ٿيندڙ ڪمن جي ساراهه ڪئي وئي ۽ سنڌي سکيا جي ڪمن کي تکڙو ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.

بورڊ سنڌولڪت جي حوالي سان ٿيل تحقيق کي وڌائڻ ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ قائم اهڙن تحقيقي مرڪزن جي وچ ۾ رابطي ڪاريءَ لاءِ اداري کي تجويز ڏني ته، ان لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وڃي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سنڌولڪت تي ڪم ڪندڙ ماهرن کي ميمبر طور کنيو وڃي.

بورڊ طرفان اداري ۾ اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير ۽ ڊاڪٽر بلوچ هال کي آڊيٽوريم ۾ تبديل ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي.

بورڊ آف گورنرس طرفان اداري جي مالي سال 2023/2024ع جي بجيٽ تي تفصيلي بحث کانپوءِ منظوري ڏني وئي. ان کانپوءِ اداري جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ڪارروايون، سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ۽ وياڪرڻ ڪميٽي، سنڌي ٻولي نفاذ ڪميٽي، اوارڊ ڪميٽي ۽ انسائيڪلوپيڊيا جي حوالي سان ٿيل گڏجاڻين جي ڪارروايون جي منظوري ڏني وئي. بورڊ سنڌي ٻوليءَ جي اوارڊن کي وڌائڻ جي پڻ تجويز ڏني، ان کان اڳ اداري جي چيئرمئن سندس مقرري جي تاريخ کان هڪ سال مڪمل ٿيڻ دوران ٿيل ڪمن جي جاچ ڏني وئي. جنهن تي بورڊ جي سمورن ميمبرن اطمينان جو اظهار ڪيو.

# ڊاڪٽر احسان دانش اداري جو سيڪريٽري مقرر



سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر احسان دانش، سنڌ سرڪار پاران جاري ٿيل نوٽيفڪيشن تحت 22 جون 2023ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري طور چارج سنڀالي ورتي. بعد ڊاڪٽر احسان دانش، اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي سان ملاقات ڪري سيڪريٽري طور ذميواريون سنڀالي ورتيون. ان موقعي تي هن چيو ته "اڄ منهنجي لاءِ تمام گهڻي خوشي جي ڳالهه آهي جو پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. آئون اداري جي مقصدن جي حاصلات لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري ٽيم ورڪ جي صورت ۾ ڪم ڪندس. هن چيو ته اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ۽ اداري ۾ ڪم ڪندڙ سمورن ساٿين سان علمي ادبي تعلق هلندو رهيو آهي پر هاڻ جيڪا ذميواري سونپي وئي آهي ان کي بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ سمورن ساٿين جو سهڪار گهربل هوندو، آئون پڻ هر وقت ساٿن گڏ هوندس. "ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "ڊاڪٽر احسان دانش جي سيڪريٽري طور مقرري بهتر عمل آهي، سندس صلاحيتن ذريعي اداري جي مقصدن جي حاصلات واري جدوجهد کي هٿي ملندي" نئين سيڪريٽري جي چارج سنڀالڻ وقت اداري جي عملدارن ۽ ڪارڪنن سندس آجيان ڪئي.



# ثقافت کاتي جي سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري اداري جو دورو ڪيو

15 مئي 2023ع تي ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو دورو. سيڪريٽري اداري جا مختلف شعبا پڻ گھمي ڏٺا. ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته "هي ادارو 1990ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، واڌ ويجهه ۽ سکيا لاءِ سنڌ اسيمبلي مان پاس ايڪٽ تحت جوڙيو ويو جيئن سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ واهپي سان گڏ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿابندي ڪئي وڃي. هن چيو ته ادارو پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ مسلسل ڪم ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين ٻولي، لسانيات، انسائيڪلو پيڊيا سميت مختلف موضوعن تي 352 ڪتاب ڇپائي چڪو آهي، جن ۾ 12 جلد انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا پڻ شامل آهن. جڏهن ته رهيل ٽن جلدن تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي ٻڌايو ته سنڌي فونٽن، ڪيبورڊ، او سي آر ۽ مختلف ائپس تي پڻ اداري جو ذڪر جوڳو ڪم موجود آهي. تازو اداري پاران 16 لغتن تي مشتمل ائپ ۽ آنلائن سنڌي ٻولي لائبرري پڻ اداري جون نيون اڳڀرايون آهن. جڏهن ته ادارو سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق کي اتساهڻ لاءِ ساليانا ايوارڊ ڏيڻ سان گڏ اسڪالرشپ جو اعلان پڻ ڪري چڪو آهي. جڏهن ته ڏنڌي وار لغتون ٺهرائڻ ۽ شاهه لطيف جي نئين شرح لکرائڻ تي پڻ ڪم شروع ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ ۾ قومي ٻولين جو بل پيش ڪرائڻ لاءِ سمورن ايم اين ايز ۽ سينيٽرن کي خط لکيا پيا وڃن.

جڏهن ته سنڌ جي سمورن ڪمشنرن ۽ ڊي سيز کي خط لکڻ سان گڏ ساڻن ملاقاتن جو سلسلو شروع ڪيو پيو وڃي ته جيئن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بورڊ لڳرائڻ، ادارن تي سنڌيءَ ۾ نالا لکرائڻ ۽ مڪاني ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي سگهجن. هن چيو ته اداري پاران سنڌي ٻوليءَ ۾ لهجن ۽ قديم نسلن جي اصلوڪين ٻولين تي مختصر دستاويزي فلمون پڻ ٺاهيون پيون وڃن. چيئرمئن ٻڌايو ته جلد حيدرآباد، ڪراچي ۽ سکر ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز قائم ڪيا ويندا، جيئن خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن کي سکيا ڏئي سگهجي ۽ سنڌي سکڻ ۾ دلچسپي رکندڙ غير سنڌين لاءِ پڻ ٻوليءَ جا ڪورس شروع ڪيا وڃن.





ان موقعي تي سيڪريٽري ثقافت عبدالعليم لاشاري اداري جي اڳڀراين جي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته هي ادارو سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ جو ضامن آهي. جيتوڻيڪ پندرهن ڪروڙن مان سا ڍا ٻارنهن ڪروڙ پگهارن، پينشن ۽ غير ترقياتي ڪمن ۾ خرچ ٿي وڃن ٿا، ان جي باوجود اداري جو ڪم نظر اچي ٿو. هن چيو ته ثقافت کاتو سنڌي ٻوليءَ جي واهپي وڌائڻ لاءِ اداري سان هرقسم جو سهڪار ڪندو. اردو اسان جي قومي ٻولي آهي، پر سنڌي هن خطي جي قديم ۽ اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن کي پنهنجي وطن ۾ ترقي ڪرڻ جو مڪمل آئيني ۽ قانوني حق حاصل آهي. هن چيو ته اداري ۾ ملازمن جي گهٽائي ۽ پينشن جو بار مستقبل ۾ معاشي مسئلن جو ڪارڻ بڻبو. ان ڪري هاڻ مستقل نوڪرين ڏيڻ جو دروازو بند ڪرڻ سميت پينشن جي معاملن لاءِ پڻ غور ويچار جي ضرورت آهي. هن چيو ته ثقافت کاتو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هر ممڪن مدد ڪندو. ان موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سيڪريٽري امين محمد لغاري، ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر پرفارمنگ آرٽس حبيب الله ميمڻ، ڊپٽي ڊائريڪٽر هدايت الله راڄڙ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

# درسي ڪتاب ۽ سنڌي ٻولي: اپياسي ويهڪ

سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن کي وڌيڪ معياري، ٻار جي ذهني سطح مطابق ۽ جديد سائنسي گهرجن موجب بنائڻ لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن، نصابي ڪتاب لکندڙن، استادن ۽ درسي نصاب سان لاڳاپيل ادارن جي نمائندن جي اپياس ويهڪ 2 جون 2023ع تي 'ڊاڪٽر بلوچ هال' ۾ ٿي گذري جنهن ۾ شريڪ ماهرن ۽ ليڪڪن چيو ته سماج جي بهتري ۽ مثبت رجحان آڻڻ لاءِ پرائمري نصاب کي ٻار جي سمجهه لائق معياري بڻائڻ جي ضرورت آهي.




سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران "درسي ڪتاب ۽ سنڌي ٻولي" جي سري هيٺ اپياسي ويهڪ دوران شريڪ ماهرن پنهنجيون تجويزون پڻ ڏنيون.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي آيل مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ اپياسي ويهڪ جا مقصد ٻڌائيندي چيو ته "سنڌ جو نصاب ملڪ ۾ معيار جي حوالي سان مڃيل آهي، پر ايندڙ نسلن جي گهرجن کي سامهون رکندي محسوس ڪريون ٿا ته ان کي وڌيڪ بهتر ڪجي ۽ چاهيون ٿا ته وياڪرڻ، جملي جي جوڙجڪ جي معيار کي وڌائي، نصاب کي ٻار جي دلچسپيءَ ۽ ذهني سطح موجب ٺاهڻ گهرجي. هن چيو ته هر ڪم ۾ بهتريءَ جي گنجائش موجود هوندي آهي. اڳئين دور جي نصاب ۽ ٻولي اهڙي هئي جو ٻار دلچسپيءَ سان پڙهندو هو هاڻ سبقن ۾ رڪاٽ وڌيڪ آهي، جنهن لاءِ نصاب لکندڙن جي تربيت ٿيڻ گهرجي. ان ڏس ۾ پهرئين مرحلي ۾ پرائمري سطح يعني پهرين کان پنجين درجي جي نصاب ۾ غلطين ۽ غير ضروري شين جي نشاندهي ڪري ان کان پوءِ ان تجويزن جي لاءِ نصابي سطح تي ڪم ڪرڻ سان گڏ 'تربيتي ورڪشاپ' پڻ ڪرايا ويندا ۽ ٻئين مرحلي ۾ خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي ويندڙ سنڌي نصاب تي ڪم ڪيو ويندو."

ناليواري اديب ۽ ٻوليءَ جي ماهر تاج جويي چيو ته "پرائمري سطح جي نصاب ۾ هن وقت به انهن سبقن ۽ مضمونن کي شامل ڪيو ويجي ٿو جنهن کان ٻار وڌيڪ سمجهي ٿو هن سائنسي دور ۾ ٻار جي دماغ ۾ نيون شيون اچي چڪيون آهن، پر نصاب ۾ اڃا ڳائين ريل بابت پڙهايو وڃي ٿو! ان ڪري نصاب کي وقت جي گهُرجن مطابق بهتر ڪرڻ تمام ضروري آهي. هن چيو ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مختلف وقتن تي ايجوڪيشن انسپيڪٽر لسٽون جاري ڪندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ اهو سلسلو رڪجي ويو ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نئين ڪاپيءَ پيهر اهو ڪم شروع ٿيو پهرئين ۽ ٻئين درجي جي ٻار لاءِ جملا سادا هجڻ گهرجن ته جيئن اهو ٻار آسانيءَ سان سمجهي سگهي."

ناليواري دانشور جامي چانڊيي چيو ته "نصاب تي ڪم ڪرڻ کان پهرين هن قسم جي ويهڪ ڪريڪيولم يعني نصاب تي ٿيڻ گهرجي. نصابي ڪتابن تي ڪم ڪرڻ جو مطلب آهي ته ٿوري ڪم تي گهڻو وقت ڪپي. هن چيو ته اسان ننڍپڻ ۾ اشتقاق پڙهندا هئاسين، هاڻ اهو نٿو پڙهايو وڃي جنهن سبب اسان جا اُچار درست ناهن. ان ڪري نصاب لکندڙن ۽ استادن کي تربيت ڪرائي کين سمجهائڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته حڪومتي پاليسين باوجود اسان سنڌي نصاب ۾ بهتريءَ لاءِ گهڻو ڪم ڪري سگهون ٿا."

ناليواري تعليمي ماهر ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ادريس جتوئي چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران هي ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن، ڇو ته ٻولي ۽ گرامر جي حوالي سان هي ادارو وڏي اهميت رکي ٿو. هن چيو ته نصاب ۽ درسي ڪتاب ٻه الڳ موضوع آهن. نصاب سان لاڳاپيل سمورن ادارن جو هڪ ٻئي سان سهڪار تمام ضروري آهي ان سان ئي بهتري ٿي سگهي ٿي."

نصاب جي تحقيقي چڪاس جي اداري 'ڊڪار' جي ڊائريڪٽر پياري خان سهارڻ چيو ته "درسي ڪتابن جي نگرانيءَ لاءِ ماهرن تي مشتمل ڪميٽي ٺهيل هوندي آهي. انهن ماهرن اڳيان ڪاپي تيار ٿيندي آهي ۽ ڪتاب ٺاهيا ويندا آهن. هن چيو ته اسان جو ادارو 'پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ' تائين سمورن ادارن سان سهڪار ڪندو رهي ٿو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سان گڏجي ڪم ڪريون پيا. اڄ جيڪي تجويزون سامهون اينديون، اهي لاڳاپيل اختيارين ڏانهن موڪليون وينديون ۽ ان تي





وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي ٿو."

عامر لطيف صديقيءَ چيو ته، "نصاب پوري سماجي سرشتي لاءِ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو ان ڪري ٻار جي تربيت ۽ سکيا لاءِ اهي سبق شامل ڪيا وڃن. ٻارن کي تصويرن ذريعي سماجي رهڻ سهڻ سيکارڻ گهرجي. جنهن سان هو وڌيڪ مائل ٿي ۽ ٽڪڙو سکي سگهندو. هن چيو ته ادارن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي. جديد سهوليتون، ماهر ٽيم ۽ ريسرچ ليب ڏيڻ گهرجن ته جيئن ادارا عالمي معيار جو ڪم ڪري سگهن. سڀ کان وڌيڪ اهم ته نصاب ۾ ٻار جي تربيت تي مرڪوز هئڻ گهرجي، جنهن ۾ سماجي رهڻ سهڻ، زندگيءَ جو فن ۽ اهو سڀ ڪجهه جنهن سان سندن سوچ ۾ مثبت ۽ تخليقي رجحان پيدا ٿئي."

تعليمي ماهر ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ تجزيو ڪندي چيو ته "موجود نصاب ادبي معلومات ۽ روايتي مواد تي مشتمل آهي ۽ بيانيه انداز ۾ نه آهي. جڏهن ته دنيا ۾ Spoken Languageکي وڌيڪ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ استادن جي سکيا وڌيڪ هجڻ گهرجي. ناليواري شاعر علي دوست عاجز چيو ته "هن قسم جي ويهڪ ۽ ورڪشاپن ذريعي نيون شيون سامهون اينديون آهن. انهن تي عملي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. درجي وار درسي ڪتابن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون وصفون شامل ڪيون وڃن."

ڊاڪٽر اين اي بلوچ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته "ڏٺو ويو آهي ته پرائمري جي نصاب ۾ بي شمار غير ضروري شين جو اضافو ڪيو ويو آهي. ان کي تبديل ڪري ٻار کي متوجهه ڪندڙ تصويرن ذريعي بنيادي تعليم تورڙي سکيا ڏيڻ گهرجي."

ليکڪ ۽ استاد انور منصور مگرييءَ چيو ته، "درسي ڪتابن ۾ معنائون به درست ناهن ڏنل. رڳو لغت مان لفظ نه کڻڻ گهرجن. هن چيو ته پهرئين ٻئين درجي جي ٻار کي وڌيڪ معنيٰ وارا لفظ نه ڏيڻ گهرجن."

درسي ڪتابن تي تحقيق ڪندڙ ڏکيه مختيار چيو ته، "اسان وٽ عالمي معيار مطابق درسي ڪتابن ۾ سکيا نٿي ملي. پر جيڪڏهن درسي ڪتاب درجي وار جائزو وٺي مختلف ماهر ويهي تيار ڪن ته بهتر ٿيندو."

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر شازيه پتافيءَ چيو ته، "بيورو آف ڪريڪيولم رڳو نصاب جو طريقڪار ڏاهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ نصابي ڪتاب ڇاپي ٿو اتي مقرر ٿيل ڪاميٽيءَ کي مواد تبديل ڪرڻ جي اجازت ناهي پر ماهرن جي سطح تي سفارش ذريعي بهتري آڻي سگهجي ٿي."

ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر الطاف جوکيي چيو ته، "ادارن وچ ۾ رابطن جو فقدان ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ڪري ڪم ۾ گنجائش رهجيو وڃي. اسان کي درسي ڪتابن جي ٻوليءَ جي آوازن ۽ اُچارن تي به ڪم ڪرڻ گهرجي."

ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ چيو ته، "درسي ڪتابن کي پڙهائڻ وارو عمل تمام گهڻو اهم آهي، پر اتي وڏو خال آهي. استاد کي درجي وار ٻار جي ذهني سمجهه مطابق پڙهائڻ جي تربيت بنيادي ۽ اهم حيثيت رکي ٿي. هن چيو ته لفظن ۽ جُملن کي سليقي سان ترتيب نه ملڻ ڪري ٻار کي سکڻ ۾ ڏکيائون پيش اچن ٿيون."

ليکڪ ۽ استاد نياز مسرور بدويءَ چيو ته، "نصاب ۾ ڪوڙ غلطيون موجود آهن. انهن کي درست ڪرڻ ضروري آهي. اڳ ۾ سماجي اڀياس ضلعي سطح جي پڙهائي ويندي هئي، جنهن سان ٻار پنهنجي علائقي بابت سکندو هو هاڻ ائين نه آهي."

ناليواري ليکڪ ۽ اديب عزيز گوپانگ چيو ته، "اسان وٽ ٻار کي جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي اها ثقافت ۽ ٻوليءَ جي ناهي. بنيادي تعليم سماج ۽ آس پاس تي پوندڙ اثر بابت هئڻ گهرجي. ان سان ٻار ۾ پنهنجي سماج، ڌرتي، ثقافت ۽ ماڻهن سان ويجهڙائي پيدا ٿيندي."

پبلڪ اسڪول سکر ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استاد اياز علي لغاريءَ چيو ته، "آغا خان بورڊ ۾ انٽر تائين سنڌي نٿي پڙهائي وڃي. هاڻ اهو نصاب سکر آئي بي اي جي ڪوشش سان آغا خان بورڊ کي ناهي ڏنو ويو آهي. جيڪو ايندڙ سال کان پڙهايو ويندو. هن چيو ته 98 سيڪڙو استادن کي ڪريڪيولم بابت ڄاڻ ئي نه آهي. استادن جي ڀرتي وقت هڪ سبجيڪٽ ڪريڪيولم جو به هئڻ گهرجي."

ويهڪ دوران استادن ۽ ماهرن، امين محمد لغاري، مرتضيٰ ناز، خالد آزاد، هوش محمد ڀٽي، يوسف جويي، جمن احمداڻي، احسان علي لغاري، شوڪت چاچڙ ۽ ٻين به پنهنجا ويچار ونڊيا.

اڀياسي ويهڪ جي ٻئين حصي ۾ درجي وار درسي ڪتاب ورهائي جائزو وٺڻ جو ڪم ڏنو ويو. پنجن گروپن تي مشتمل استادن ۽ ماهرن درسي ڪتابن ۾ غلطين جي درستگين ۽ نصاب کي وڌيڪ آسان ۽ بهتر بڻائڻ جون تجويزون ڏنيون.

# ”ڊجيٽل دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل“ آن لائن مباحثو

31 آگسٽ 2023ع تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اسٽوڊيو ۾ **'ڊجيٽل دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل'** جي موضوع تي آن لائن مباحثو ٿي گذريو، جنهن ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي باني عبدالماجد ڀرڳڙيءَ مهمان طور شرڪت ڪئي. هن مباحثي جي ميزباني امر فياض ٻرڙي سرانجام ڏني. گفتگوءَ دوران پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي عبدالماجد ڀرڳڙيءَ چيو ته سنڌي ٻولي هر لحاظ کان دنيا جي سڌريل ٻولين جي سٽ ۾ شمار ٿيڻ جون سموريون خصوصيتون رکي ٿي. اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ جيڪي طريقا ۽ اوزار ٻين ٻولين جي ڪمپيوٽرائي ترقيءَ لاءِ اهم آهن، سنڌي ٻولي انهن سمورن تي پورو لهڻ جي سگهه رکي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته ڊجيٽل دور ۾ ٻين ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ لاءِ علمي ادبي ادارن سان گڏ ميڊيائي ادارن، تعليمي ادارن، يونيورسٽين توڙي عام ماڻهو کي پڻ سنجيدگي ۽ وابستگيءَ جو مظاهرو ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڊجيٽل اوزارن تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال جيترو وڌندو، ڊجيٽل ادارا اوترو سنڌي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيندا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جا نوان رستا کلندا ۽ نوان امڪان پيدا ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته دنيا جنهن رفتار سان ڊجيٽل دور ۾ اڳتي وڌي رهي آهي، اسان جيڪڏهن ٿورو به پوئتي رهجي وياسين ته ان ان جدت تائين پهچڻ ڏکيو ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته ڊجيٽل دنيا ۾ وڏي تيزيءَ سان تبديليون اچي رهيون آهن. گذريل پنجن سالن ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن، سي گذريل پنجاهه سالن ۾ به نه اچي سگهيون آهن. ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ هڪ ڊوڙ هلي رهي آهي، عبدالماجد ڀرڳڙي وڌيڪ چيو ته ٻوليءَ ۾ بگاڙ سان ٻوليءَ جو بچاءُ متاثر ٿئي ٿو. ضروري آهي ته ميڊيا جي سمورن ذريعن تي سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ٿئي، ڇاڪاڻ ته ادارن جي وڏي ذميواري ٿئي ٿي. هڪ عام ماڻهو ريڊيو، ٽي وي، اخبار ۽ ويب سائيٽ ڏسي ۽ ٻڌي ٿو ۽ اتان ئي ماڻهوءَ جي سکيا ٿئي ٿي. جڪڏهن ميڊيا ۾ ٻوليءَ جو درست استعمال نه ٿيندو ته ان جو سڌو سنئون اثر




ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ تي ٿيندو ۽ ائين ٻوليءَ جو بگاڙ ٿئي ٿو. ان سان ٻولي جو بچاءُ نه ٿي سگهندو ۽ ٻولي ختم ٿي ويندي. اهڙيءَ ريت ان جو تدارڪ نه ٿي سگهندو. امر فياض جي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هٿرادو ڏاهپ يا مصنوعي ذهانت جي پروگرامن ۽ طريقن ۾ سنڌي ٻوليءَ تڏهن شامل ٿي سگهي ٿي، جڏهن سنڌي ۾ سموري چاڻ ۽ انگ اکر تصويري شڪل بجاءِ لکت ۾ لفظي ذخيري تي ٻڌل هجن. اخبارون، رسالا، ڪتاب ۽ ٻيو سمورو مواد تحريري بنياد تي آن لائن ڪرڻ سان هڪ وڏو لفظي ذخيرو ٺهندو جيڪو هٿرادو ڏاهپ جي پروگرامن ۽ طريقن ۾ ڪتب ايندو. ان ڪري اهو ضروري آهي ته تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ تحقيق کي لکت جي شڪل ۾ آن لائين ڪيو وڃي. درسي ڪتابن کي ٽيڪسٽ جي بنياد تي آن لائن ڪيو وڃي، ته جيئن خام مواد تيار ٿئي. جيترو خام مواد تيار ٿيندو ۽ پورٽل تي ذخيرو وڌندو ته هٿرادو ڏاهپ ان کي اوترو ئي وڌيڪ ڪتب آڻيندي هن وڌيڪ چيو ته سرڪار وسيلا فراهم ڪري، ادارا خام مواد تيار ڪري آن لائن ڪن. يونيورسٽين جون رٽائون لفظي ذخيري جي بنياد تي آن لائين ڪيون وڃن ته جيئن هٿرادو ڏاهپ سان لاڳاپيل پروگرام توڙي سرچ انجڻون سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي ڪتب آڻي سگهن. ميڊيا جا ادارا ويب سائيٽون ۽ پورٽل تصويري شڪل بجاءِ تحريري صورت ۾ رکن. سرڪار کي ان ڏس ۾ مناسب وسيلا فراهم ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ان کان سواءِ ادارا فعال نٿا ٿي سگهن. ادارن جي ذميواري آهي ته جيڪا وسيلا موجود آهن، انهن جو مناسب ۽ سنو استعمال ڪن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي جيڪي درپيش مسئلا آهن انهن لاءِ علمي ادارن کي ڊجيٽل دور جي ضرورتن تحت قدم وڌائڻو پوندو، جيئن ٽيڪنالاجي تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. اسان کي به ان رفتار سان هلڻو پوندو.

هي مباحثو اداري جي فيسبوڪ پيج تي سڌو سنئون نشر ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش، مباحثي ۾ شرڪت تي جناب عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جا ٿورا مڃيا ڪيو ۽ کيس گلدستو پيش ڪيو.

❋❋❋

# پرائمري سنڌي درسي ڪتابن جي ٻوليءَ بابت ايپاسي ورڪشاپ











سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 7 ۽ 8 جولاءِ 2023ع تي پرائمريءَ جي سنڌي درسي ڪتابن جي ٻوليءَ بابت ٻن ڏينهن جو ايپاسي ورڪشاپ, اداري جي 'ڊاڪٽر بلوچ هال' ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ادريس جتوئي, ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيو, ڊاڪٽر مخمور بخاري, ڊاڪٽر فياض لطيف, ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ عزيز ڪنگراڻي علي دوست عاجز عزيز گوپانگ, شفيع محمد چانڊيو, نظير ملڪاڻي, اياز علي لغاري, جمن احمداڻي, ذڪيه مختيار, زهرا چنا, مرتضيٰ ناز, ساجد چانڊيو, الاهي بخش اُجڻ ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديبن, ٻولي, نصاب ۽ درسي ڪتابن جي ليکڪن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي مهمانن جي آجيان ڪندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته درسي ڪتابن جي معيار کي بهتر بڻائجي, ان جو مقصد ڪنهن به شخص يا اداري جي ڪم کي رد ڪرڻ يا ان تي جرح ڪرڻ نه آهي. اسان چاهيون ٿا ته ڪنهن به طرح جيڪڏهن درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ بابت ڪا گنجائش موجود آهي ته ماهرن جي تجويزن سان اها پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. هن وڌيڪ چيو ته درسي ڪتابن ۾ شامل مواد, ڪنهن ٻئي ڇپيل مواد جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جوڳو هوندو آهي. هيءَ ڪنهن عام لکڻي يا عام ٻوليءَ جو ڪم نه آهي. جيتوڻيڪ درسي ڪتاب ماهرن جي هٿان مان نڪري ڇپيا آهن, پر پوءِ به ڪنهن نه ڪنهن حصي ۾ خاص ڪري ٻوليءَ جي معاملي ۾ ڪي غلطيون رهجي وينديون آهن. سنڌي ٻولي هڪ وسيع ٻولي آهي, جنهن جي هڪ هڪ لفظ پويان ڪيترين ئي معنائون ۽ تصور لڪيل هوندا آهن. لفظ ۽ اصطلاح به عقيدا ۽ پس منظر رکندا آهن. ڪوشش ڪجي ته اهڙا لفظ ۽ اصطلاح درسي ڪتابن ۾ شامل نه ٿين, جن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته اسان اداري جي ڪمن کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي, سيني ٻولي ماهرن کي گذارش آهي ته اهي حصو وٺن. ڪتابن جي تياري, لغتن جي تياري, پروف ريڊنگ ۽ ٻين معاملن ۾ اسان کي سيني شعبن جي ماڻهن جي ضرورت آهي. درسي ڪتابن بابت اسان هڪ ڏکيو خاڪو ٺاهيو آهي, اسان تعليم کاتي ۽ سنڌ حڪومت سان ڳالهايو آهي, اسان جا ماهر جيڪي تجويزون ڏيندا, اهي مثبت طريقي سان اعليٰ اختيارين تائين پهچائيندا سين ۽ کين عمل ڪرڻ لاءِ آماده ڪنداسين.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ گذريل ايپاسي ويهڪ جو پس منظر پيش ڪندي, هلندڙ ڪم بابت ٻڌايو. هن ٻڌايو ته هي ورڪشاپ ٻن ڏينهن تي ٻڌل آهي, پرائمريءَ جي پنجن ڪلاسن لاءِ پنج مختلف گروپ ٺاهيا ويا آهن, اهي گروپ اڳ ڪيل ڪم جو جائزو وٺندا ۽ پوءِ هر گروپ پنهنجون سفارشون پيش ڪندو. ٻنهي ڏينهن تي ساڳئي طريقي سان ڪم ٿيندو. هيءَ ٻوليءَ جو ڪم آهي. وڏي عرصي کان سماج مان اها ڳالهه ٿيندي رهي آهي ته درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جون غلطيون آهن, انهن کي درست ڪيو وڃي, ان ڏس ۾ هي ادارو پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۽ نصاب جي ماهر ادريس جتوئيءَ چيو ته گذريل ڀيري هن اداري شروعاتي ڪم ڪيو هن ٻئي مرحلي ۾ اسان رهيل شين کي آخري شڪل ڏينداسين. هن کان اڳ اٿارٽيءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب جي وقت ۾ به درسي ڪتابن تي ڪم ٿيو آهي, ۽ وڏي وٿيءَ کانپوءِ وري هاڻي ٿي رهيو آهي, جيڪو هڪ سٺو سنوڻ آهي. اسان جو مقصد درسي ڪتابن جي ٻوليءَ کي درست ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جو سنڌيءَ جو نصاب گهڻو بهتر آهي, پر مسئلو درسي ڪتابن جي ليکڪن جو آهي, اسان کي درسي ڪتابن جي ليکڪن جو هڪڙو گروپ تيار ڪرڻو پوندو. ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ کي هر معاملي ۾ معياري ڪم ڪرڻ گهرجي.




درست ڪرڻ جي گهرج آهي. هي ورڪشاپ ان سلسلي ۾ هڪ ڪارائتي وک آهي. ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته ٻن ڏينهن جي ورڪشاپ ۾ گهڻو ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. آئون تجويز ڏيندس ته سمورين تجويزن کي شايع ڪرايو وڃي ته اهو رڪارڊ محفوظ ٿيندو. شفيع محمد چانڊيي چيو ته **اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌ جو ٻار پنهنجي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتاب پڙهي ٿو ٻين صوبن جا ٻار پنهنجي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتاب نٿا پڙهن.** انهن کي اردو پڙهڻي ٿي پوي. هن چيو ته اسان جي اها به خوشنصيبي آهي جو ڪجهه سالن کان بلوچستان ۾ به ٻهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي پڙهائي وڃي ٿي. هن چيو ته مون گهڻو عرصو ٽيڪسٽ بورڊ ۾ ڪم ڪيو آهي. اسان وٽ لفظن جي معياري صورتن، معياري فونٽ سميت ڪيترائي مسئلا آهن، جن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اڀياسي ورڪشاپ جي ٻئي ڏينهن تي اختتامي خطاب ڪندي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اسان کي سنڌ جي ٻارن جي بهتر تعليم لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو هڪ موقعو مليو آهي. هن چيو ته هي روايتي ورڪشاپ نه پر هڪ اهم ويهڪ آهي. جيئن نصاب ناهڻ ۽ درسي ڪتاب لکڻ اهم ۽ ڏکيو ڪم آهي، ائين درسي ڪتابن جي چڪاس به انتهائي ڏکيو ڪم آهي. هن چيو ته اسان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اها ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته سنڌي مضمون جي سمورن درسي ڪتابن جو ماهرن جي مدد سان جائزو وٺي، انهن ۾ جيڪا کوٽ يا سڌارن جي گهرج آهي، انهن جي پورائيءَ لاءِ سفارشون مرتب ڪري، سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪليون ته جيئن درستگي ٿي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته اٿارٽيءَ ۾ نصابي ڪتابن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جي دور ۾ به ڪم ٿيو ان بعد وري هاڻي ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چوندو هو ته پرائمري اسڪول اسانجا تعليمي قلعا آهن، جن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. اُن ڪري اسان ضرورت محسوس ڪئي ته پرائمريءَ جي سنڌي نصابي ڪتابن جي جائزي جو ڪم ڪريون.

اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش اختتامي ويهڪ ۾ چيو ته اسان سنڌي ٻوليءَ جي درست واڌ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. **هي ٻن ڏينهن جو ورڪشاپ تمام ڪارائتو رهيو ۽ ان ۾ درسي ڪتابن جي اڀياس جي سلسلي ۾ گهڻو ڪم ٿيو آهي.** انهيءَ لاءِ سڀني ماهرن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو. ڪالهه اسان جڏهن مليا هئاسين ته اسان جي ذهن ۾ سوال هئا ۽ مايوسي هئي پر اڄ جڏهن هي ورڪشاپ پڄاڻيءَ تي پهتو آهي ته اسان وٽ انهن سوالن جا جواب آهن ۽ بهتريءَ جون اميدون آهن. اسان اڳتي به انهيءَ جذبي سان ڪم جاري رکندا سين، ڇاڪاڻ ته هي هڪ مسلسل هلڻ وارو ڪم آهي. ان کان علاوه اسان هن ٻن ڏينهن واري ورڪشاپ جي تفصيلي رپورٽ پڻ مرتب ڪري ان اڀياس کي محفوظ ڪندا سين. هن چيو ته اٿارٽيءَ پاران نه صرف سنڌيءَ جي نصاب تي هن قسم جو ڪم جاري رهندو پر تمام جلد سنڌ جي سمورن ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرن ۾ پرائيويٽ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن ۽ سنڌي ٻولي سکڻ جي خواهشمندن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جا سکيا مرڪز قائم ڪيا ويندا.


## "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) مان هڪ ڀيرو ٻيهر مڃتا ماڻي ورتي.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل پنهنجي معيار کي برقرار رکندي، هائير ايجوڪيشن ڪميشن مان هڪ دفعو ٻيهر مڃتا (Recognition )حاصل ڪري ورتي آهي. HJRSسرشتي تحت مالي سال 24_2023 لاءِ هي جرنل "Y"درجي بندي ۾ منظور ٿي ويو آهي.

اداري طرفان "سنڌي ٻولي" جرنل 1994ع کان مختلف مرحلن تي شايع ٿيندو رهيو آهي، پر گذريل ستن سالن کان هن جرنل کي هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي پاليسيءَ مطابق جاري ڪيو وڃي ٿو. هن جرنل جي ايڊيٽر ۽ موجوده چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ۽ سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش، جرنل جي سب ايڊيٽر ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن کي مبارڪباد ڏيندي پڌرو ڪيو آهي ته هن جرنل ۾ سنڌي ٻوليءَ، لسانيات، سنڌو لکت جي موضوعن تي لکيل مقالن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي.

جڏهن ته ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌي ادب جي ان ڇهيل موضوعن جا مقالا پڻ ماهرن جي منظوريءَ بعد شايع ڪيا ويندا آهن.

تازو هن جرنل جو اونهاري وارو شمارو (جون 2023ع) ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.






# 'تحقيقي مقالي لکڻ جو فن ۽ بنيادي گهُرجون' سکيا ورڪشاپ

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، مختلف علمي ۽ فني موضوعن تي سکيا ورڪشاپن جي سلسلي هيٺ 'تحقيقي مقالي لکڻ جو فن ۽ بنيادي گهرجون' عنوان هيٺ هڪ ڏينهن جو سکيا ورڪشاپ 24 آگسٽ 2023ع تي، اداري جي 'ڊاڪٽر بلوچ هال' ۾ تي گذريو. جنهن ۾ ايم فل، پي ايچ ڊي ۽ گريجوئيشن ڪندڙ شاگردن سميت محققن ۽ استادن شرڪت ڪئي. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش، شرڪت ڪندڙن جي آجيان ڪئي ۽ پنهنجي تمهيدي گفتگوءَ ۾ تحقيق جي فن ۽ اصولن تي روشني وڌي. گڏوگڏ اداري جي ٻين سرگرمين کان پڻ آگاهه ڪيو.





پهرين ويهڪ ۾ نامياري اسڪالر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 'تحقيقي مقالي ۽ مضمون ۾ فرق' جي موضوع تي تفصيلي روشني وجهندي، مقالي جي ٽيڪنيڪ کان آگاهه ڪيو. ان دوران ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ چيو ته "تحقيق جو بنياد ئي مفروضي تي ٻڌل هوندو آهي، ڪو به مقالو جيڪڏهن ڪنهن هڪ پهلوءَ تي لکيل هوندو ته ان مان پوءِ نوان پهلو به سامهون ايندا. هُن شاگردن کي سمجهايو ته ڪابه تحقيق حتمي نه هوندي آهي، اڳ ٿيل تحقيق مان ڪي ٻيا محقق نوان پهلو ڪڍي نوان نيتجا ڏيئي سگهن ٿا." هن ٻڌايو ته "تحقيق، دراصل اڳ موجود شين جي سائنسي ۽ منظم تجزيي کي چيو ويندو آهي. نظريا، نظرين جي پيداوار هوندا آهن. تاريخي طور هر نظريي، فلسفي ۽ خيال جو رد/نئون خيال يا نظريو به ايندو رهندو آهي. ۽ ان ئي عمل کي تحقيق چيو ويندو آهي." ڊاڪٽر غفور ميمڻ واضح ڪيو ته "هڪ معياري تحقيقي مقالي لکڻ لاءِ محقق کي موضوع جي بهتر چونڊ، ان مقالي جو معني خيز تتُ لکڻ جو فن به اچڻ گهرجي. تحقيق جي طريقه ڪار، حوالن ۽ حاشين جي سمجهه، انگن اکرن ۽ متن جو مُستند هجڻ جو دليل پڻ لازمي آهي. ليڪچر ڊاڪٽر غفور ميمڻ، تحقيقي مقالي ۾ حوالن جي مختلف طريقن ۽ مقالي جي بنيادي گهُرجن تي پڻ روشني وڌي



هن سکيا ورڪشاپ جي ٻي ويهڪ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن ۽ نوجوان محققن ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا ۽ ڊاڪٽر رفيق وساڻ گڏيل





سرگرمي ذريعي تحقيقي مقالي جو (Abstract) تت لکڻ ۽ حوالا ڏيڻ ۽ حوالاجاتي مواد ڪٺڻ جي طريقيڪارن تي روشني وڌي ان دوران شريڪ نوجوانن کان گڏيل عملي مشق پڻ ڪرائي وئي ۽ هڪ مثالي خاڪو ڏيئي سيني گروپن کان سندن تنقيدي راءِ کي ٻين سان ونڊڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو ويو. ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا چيو ته "تحقيق دوران ڇاڻايل اهم ڳالهين سان گڏ عملي ميدان ۾ ڪم يعني فيلڊ ورڪ ڪرڻ جي پڻ ضرورت پوي ٿي. دنيا ۾ هن وقت سڀ کان وڏيڪ وسيلا ۽ صلاحيتون موجود آهن. ڊجيٽل دور ۾ ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ آسان ٿي وئي آهي. پر گڏوگڏ تحقيق جا نوان طريقه ڪار، اصول ۽ قاعدا پڻ متعارف ٿي چڪا آهن. جن کان سنڌ جي محقق کي آگاهه هجڻ لازمي آهي. هن ويهڪ دوران ملٽي ميڊيا اسڪرين تي تحقيق جي جديد طريقه ڪارن تي سمجهاڻي (پريزنٽيشن) ڏني ۽ شريڪ ٿيندڙن کان عملي مشق ڪرائي. ڊاڪٽر رفيق وساڻ پنهنجي سکيائي ويهڪ دوران بين الاقوامي سطح تي تحقيقي مقالي لکڻ لاءِ جديد طريقن ۽ اصولن کان روشناس ڪرايو. هن چيو ته تحقيق دوران موضوع جي چونڊ، موضوع جي ڇاڻ، حوالا، انٽرويو ۽ عملي طور گهربل معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ڪري کوجنا ڪرڻ اهم عمل آهي. هن معياري ۽ مقداري تحقيق تي پڻ روشني وڌي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش اختتامي ويهڪ کي مخاطب ٿيندي چيو ته تحقيق دنيا اندر تحقيق جا نوان معيار ۽ اصول متعارف ٿي رهيا آهن. جن کي سمجهڻ ۽ سکڻ جي ضرورت آهي. تحقيق دراصل 'ڪڙهڻ' يعني پڇڻ، پڇرڻ جهڙو ڪم آهي. جيڪو جُز کان شروع ٿي ڪُل جي صورت اختيار ڪري ٿو. تحقيق هڪ نُڪتي کان شروع ٿي هڪ جامع ۽ نتيجه خيز پڄاڻيءَ جو نالو آهي. هن ورڪشاپ جي آخر ۾ شريڪ ٿيندڙ نوجوان محققن ۽ اسڪالرن کي اداري پاران سند ڏني وئي.

# سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ نفاذ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران جوڙيل ”سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ نفاذ واري ڪميٽي“ جي گڏجاڻي 4 آگسٽ 2023ع تي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش، جامي چانڊيي، امر فياض ٻرڙي، انور منصور، پارومل امراڻي ۽ امين محمد لغاري شرڪت ڪئي. هن گڏجاڻيءَ ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ جي سلسلي ۾ گهڻ طرفي حڪمت عملي جوڙڻ، سنڌي ٻوليءَ جي وفاقي سطح تي قبوليت لاءِ موجود موقعن جو جائزو وٺڻ ۽ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي پڙهائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ“ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ شريڪ ميمبرن پاران تجويزون ڏنيون ويون.

ڊاڪٽر اسحاق سميجي ٻڌايو ته ”سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ ۽ استعمال“ جي سلسلي ۾ مختلف وفاقي، صوبائي توڙي خانگي ڪاتن ۽ ادارن سان لکپڙهه ڪئي وئي آهي. مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن سان پڻ گڏجاڻيون ڪيون ويون آهن. تازوئي ڪراچي جي ميئر مرتضلي وهاب سان  ملاقات ڪري شهر جي داخلي رستن ۽ شهر اندر لڳل بورڊن ۽ ڪاغذي لکپڙهه ۾ اردو ۽ انگريزي سان گڏ سنڌي جي استعمال لاءِ چيو آهي. اهڙي مطالبي تي ميئر ڪراچيءَ طرفان مثبت موٽ ملي آهي. اهڙيءَ ريت ڪمشنر ميرپورخاص شفيق احمد مهيسر، اداري جي خط جي موٽ ۾ باقاعده لکت ۾ پنهنجي ڊويزن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ٻين ماتحت عملدارن کي دفتري ڪاروهنوار ۾ سنڌي جي استعمال بابت هدايتون موڪلي ڪين پابند ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو واهپو دفتري سطح تي ٿيڻ گهرجي ان لاءِ هر آفيس مان هڪ ڪمپيوٽر آپريٽر کي سنڌي ڪمپيوٽنگ ڪورس ڪرائڻ جي هدايت پڻ ڪمشنر پاران ڏني وئي آهي . ڊاڪٽر اسحاق سميجي وڌيڪ چيو ته ٻوليءَ جو وڌ ۾ وڌ واهپو سماج کي متحرڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ممڪن ناهي، ان ڪري ضلعي سطح تي اهڙين ڪميٽين جوڙڻ جي ضرورت آهي، جيڪي پنهنجي علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اداري ۾ هڪ ”شڪايت مرڪز“ پڻ قائم ڪيو ويو آهي، ان شڪايتي مرڪز ۾ ٽيهارو ڪن خانگي اسڪولن خلاف شڪايتون مليون، اداري پاران انهن اسڪولن سان رابطا ڪرڻ سان گڏ خانگي اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ کي پڻ خط لکيا ويا. جن مان ڪجهه اسڪولن جي انتظاميا اهڙي نشاندهيءَ تي پنهنجو ٽائيم ٽيبل تبديل ڪري سنڌي مضمون کي ڪورس ۾ شامل ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيئن ته خانگي اسڪولن تي اداري جو قاعدو قانون نٿو هلي، ان لاءِ سنڌ جي تعليم کاتي کي چيو آهي ته خانگي اسڪولن جي مانيٽرنگ توڙي



رجسٽريشن واري مرحلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سفارشن کي به لازم ڪيو وڃي ته جيئن خانگي اسڪول سنڌي پڙهائڻ تي مجبور ٿين.

جامي چانڊيي چيو ته ”سنڌي سماج، ٻوليءَ جي معاملي ۾ سجاڳ ۽ سهڪاري آهي“. هاڻ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان جي اهميت ۽ حساسيت لاءِ مهم هلائڻ گهرجي، سمورن ٻولين بابت تعليمي ادارن جو گڏيل فورم ٺهڻ گهرجي، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کي ميزباني ڪري شروعات ڪرڻ کپي. هن چيو ته تعليمي شعبي جو ٻوليءَ سان بنيادي تعلق آهي، ان سلسلي ۾ سرڪاري تعليمي ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو ته خانگي تعليمي ادارن جي استادن جي ڪا به پيشوارانا تربيت نه ٿي ڪئي وڃي، ان ڏس ۾ استادن جي تربيت لاءِ قائم ادارن سان ملي اٿارٽيءَ کي جامع رٿا تيار ڪرڻ گهرجي ۽ تازو سنڌ ۾ آءِ.بي. اي ٽيسٽ ذريعي ڀرتي ٿيل نوجوان استادن جي صلاحيتن مان پڻ فائدو وٺي سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري طرفان ملڪ جي ٻين اهڙن ادارن، جيڪي پنهنجين پنهنجين ٻولين بابت ڪم ڪن ٿا، انهن سان گڏجي هڪ فورم ناهڻ کپي ۽ ٻولين بابت گڏيل پروگرام ڪرڻ گهرجن.

امر فياض ٻرڙي تجويزون ڏيندي چيو ته ”سنڌي ٻوليءَ تي عملي ڪم ڪندڙن کي ميتا ڏئي انهن کي هيرو قرار ڏيڻ گهرجي، جنهن سان سماج ۾ اتساهه وڌندو، نادرا سميت مختلف

ادارن کي سنڌي ٻوليءَ بابت فني مدد ڏيڻ جي آڇ ڪجي ته جيئن اهي سنڌيءَ جو استعمال ڪن. هن چيو ته تعليم کاتي کي پابند بڻائڻ گهرجي ته اهي استادن لاءِ سنڌي سکيا جي سند لازمي قرار ڏئي.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش گڏجاڻيءَ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته "سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ کي نافذ ڪرڻ جي سلسلي ۾ مختلف وفاقي ۽ صوبائي ادارن سان لکپڙهه ڪئي وئي آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي گورنر ۽ ڪمرشل بئنڪن کي خط لکي کين آئين ۽ قانون موجب سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ بئنڪن جي روزمره جي ڪاغذي ڪاروهنوار توڙي اي ٽي ايم مشينن ۾ سنڌيءَ جي استعمال لاءِ گذارش ڪئي وئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پهرين پيرو مسلم ڪمرشل بئنڪ پنهنجي هيلپ



لائين تي انگريزي ۽ اردو سان گڏ سنڌيءَ کي پڻ شامل ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪاروباري ڪمپنين کي سنڌي ٻوليءَ جي سماجي سطح تي نفاذ ۽ استعمال لاءِ گذارشون ڪيون ويون آهن ۽ ڪافي ڪمپنين پاران مثبت موٽ ملي رهي آهي.

يارومل امراڻيءَ چيو ته جيڪي ادارا ۽ فرد سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ جي سلسلي ۾ اڳڀرا آهن، انهن کي ميڄتا ڏيڻ کپي ۽ سنڌ مختلف سطحن تي پذيرائي ٿيڻ گهرجي. گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ انور منصور مگريي چيو ته خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ ادارن تي زور وجهڻ سان گڏ والدين کي ٻه ان ڳالهه جو احساس ڏيارڻ کپي.

## مالي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي "مالي ڪميٽيءَ" جي گڏجاڻي، اٿارٽيءَ جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي سربراهيءَ ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر احسان دانش، جناب جامي چانڊيو، جناب علي دوست عاجز، جناب امر فياض ٻرڙي، جناب ساجد ميمڻ ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ماليات جناب احسان ميمڻ شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ مالي سال 24_2023ع جي ساليانې بجيٽ جي منظوري ڏني وئي ۽ مختلف اهم فيصلا ڪيا ويا.



## انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا شعبي جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" شعبي جي هڪ گڏجاڻي، چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش ۽ شعبي جي عملدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ دوران انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي هلندڙ ڪم ۽ شعبي جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو ويو ۽ رهيل ڪم جي اڪلاءَ جي سلسلي ۾ اڳڀرائي لاءِ ويچار ونيو ويو.





# سنڌي رسم الخط، صورتخطي ۽ وياڪرڻي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، 3 آگسٽ 2023ع تي "سنڌي رسم الخط، صورتخطي ۽ وياڪرڻي ڪميٽيءَ" جي گڏجاڻي، اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ڊاڪٽر



آفتاب ابڙي، ڊاڪٽر الطاف جوکيي، ادريس جتوئي، ڊاڪٽر شازيہ پتافي، ڊاڪٽر رياضت برڙي ۽ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش، امين محمد لغاري ۽ اداري جي ڪارڪن علي نواز آريسر شرڪت ڪئي.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش ڪميٽيءَ جي ميمبرن کي سنڌي رسم الخط صورتخطي ۽ وياڪرڻي جي سلسلي ۾ اٿارٽيءَ طرفان هن وقت تائين ڪيل ڪم جي تفصيلي ڄاڻ ڏني.

گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ معياري صورتن جي تياريءَ تي غور ويچار ڪرڻ سان گڏ، سنڌي صورتخطي توڙي لفظن جي ترجيحي صورتن جي حوالي سان بحث مباحثو ٿيو ۽ 1 آڪٽوبر 2022 تي ٿيل ورڪشاپ جي تجويز ڪيل 200 لفظن کي مباحثي بعد حتمي شڪل ڏني وئي. ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي تجويزن ۽ ڪيل فيصلن جي روشنيءَ ۾ اٿارٽي جلد عملي قدم کڻندي

ان موقعي تي اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ ٻوليءَ جا سمورا معاملا علم وسيلي حل ٿيندا. هي ادارو سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو قدر ڪري ٿو. اڄوڪي گڏجاڻيءَ ۾ نهايت اهم فيصلا ٿيا آهن. اسان عام واهپي جي لفظن جي جوڙجڪ ۽ درست استعمال جي سلسلي ۾ سماج جي هر طبقاتي سان جُڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ ان حوالي سان ٻوليءَ جي ماهرن جو ڪردار ساراهہ جوڳو آهي. هن چيو تہ اسان پنهنجي اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ سان وابستہ مختلف معاملن جي رٿابندي ڪري رهيا آهيون.



# ’سنڌي ٻوليءَ جو دفتري استعمال‘ آن لائن مباحثو




اداري پاران ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سري هيٺ شروع ڪيل آن لائن سلسلي ’سنڌي ٻولي: خطرا، موقعا ۽ تجويزون‘ هيٺ هڪ مباحثو "سنڌي ٻوليءَ جو دفتري استعمال: مسئلا ۽ اڳڀرايون' عنوان تحت ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالم ۽ محقق تاج جويي، ناميارِي محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ۽ نوجوان اديب ۽ محقق خالد آزاد مهمان طور پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو جڏهن تہ ايم فل اسڪالر نوشين اڄڻ انهيءَ مباحثي ۾ ميزبان طور ڪارروائي هلائي. مباحثي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي، نامور اديب تاج جويي، سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزون ڏنيون ۽ چيو تہ "سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خصوصيت آهي، جيڪا هڪ دفتري ٻوليءَ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي. هن چيو تہ سنڌي ٻولي ڪيترن ئي انگريزي دفتري استعمال جي اصطلاحن کي پنهنجي مزاج موجب پنهنجايو ۽ قبول ڪيو آهي. ٻين ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح قبول ڪرڻ ۾ ڪا خرابي نہ آهي.

انگريزيءَ ۾ سڀ کان وڏو حصو لاطيني لفظن ۽ اصطلاحن جو آهي". ناميارِي محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ آن لائين مباحثي ۾ ڳالهائيندي چيو تہ "سنڌي ٻولي تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنڌ جي دفتري ٻولي رهي آهي ۽ مختلف صورتون اختيار ڪندي اڄوڪي رسم الخط جي شڪل ۾ اسان وٽ استعمال هيٺ آهي. ڊاڪٽر مانجهي سنڌو تهذيب کان وٺي انگريزن جي دور تائين سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال جو مختصر جائزو پڻ پيش ڪيو. نوجوان اديب ۽ محقق خالد آزاد، مباحثي ۾ حصو وٺندي، دفترن اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهہ جي اهميت سان گڏ مختلف علمن جي ٻوليءَ ۾ تبديلي توڙي اصطلاحن جي ترجمي تي زور ڏنو. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري طرفان سنڌي دفتري ٻوليءَ بابت هڪ لغت پڻ شايع ڪيل آهي، جنهن ۾ مختلف دفتري اصطلاحن جو ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هر اصطلاح کي ترجمو ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي.

# اداري جي مطالبي تي تعليم کاتي پاران سرڪاري اسڪولن تي عالمن، اديبن ۽ استادن جا نالا رکڻ واري روايت جي آجيان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي چاليهين اجلاس ۾ ڪيل مطالبي کي مانُ ڏيندي، (چيئرمئن پاران لکيل خط جي موٽ ۾) سنڌ جي تعليم کاتي مختلف سرڪاري اسڪولن تي سنڌ جي نامور عالمن، اديبن ۽ رول ماڊل استادن جا نالا رکڻ شروع ڪيا آهن. ان عمل تي سنڌي ساڃهوند طبقي سرهائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. ان موقعي تي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرمئن بيان جاري ڪندي چيو آهي ته سنڌ سرڪار جي ان فيصلي جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ عالمن، اديبن ۽ استادن جي مڃتا جي هڪ نئين روايت قائم ٿيندي. هن ٻڌايو ته خاص طور تعليم ۽ ثقافت کاتي جي وزير سيد سردار شاهه صاحب جي ذاتي دلچسپيءَ سبب هن مطالبي کي وقت سر قبوليت ملي آهي، گڏوگڏ سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاريءَ پڻ مطالبي جي اهميت کي سمجهندي، هر قسم جو تعاون ڪيو ۽ ابتدائي طور 10 اسڪولن جي نالن جا نوٽيفڪيشن به جاري ڪيا . ڊاڪٽر اسحاق سميجي ان اميد جو اظهار پڻ ڪيو ته سنڌ جي ٻين مثالي ۽ رول ماڊل استادن ۽ نامور عالمن، اديبن ۽ تعليمي ماهرن جي نالن سان اسڪول منسوب ڪرڻ جا وڌيڪ نوٽيفڪيشن پڻ مرحليوار جاري ڪيا ويندا. هُن چيو ته هيءَ ڳالهه ان ڪري به مثالي آهي، ڇو ته پهريون ڀيرو تعليم کاتي هڪ ئي وقت ايترن استادن، عالمن ۽ اديبن کي اهڙي مڃتا ڏني آهي، جنهن سان سماج ۾ علم، ادب ۽ تعليم جي شعبن جو وقار اڃا به وڌندو. پهرئين مرحلي ۾ هيٺينءَ ريت مختلف اسڪولن تي نالا رکڻ جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن:

1. ڪشنچند بيوس- گورنمينٽ پائلٽ هائير سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو
2. ڪلياڻ آڏواڻي- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول وحدت ڪالوني، حيدرآباد
3. شوڪت حسين شورو- گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول، سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي، ڄام شورو.
4. عبدالقادر جوڻيجو- گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول، جنهاڻ، مهراڻو.
5. حيدر علي لغاري- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول، تاج پور.
6. دادي ليلا- گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري ماڊل اسڪول هيرآباد، حيدرآباد.
7. امداد حسيني- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول وسي ملوڪ شاهه (ٽکڙ)
8. ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سانگهڙ
9. تاج صحرائي- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول غريب آباد، دادو
10. سيد عبدالرحمان شاهه- گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول، پيارو ڳوٺ، دادو




GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT

NOTIFICATION

GHULAM AKBAR LAGHARI
SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH

A copy is forwarded for information and necessary action:-
1. The Chief Program Manager, Reform Support Unit, Government of Sindh, Karachi.
2. The Director General (Monitoring & Evaluation) School Education & Literacy Department, Karachi.
3. The Director School Education, Hyderabad.
4. The District Education Officer.
5. The Senior Program Manager (SEMIS).
6. The PS to Minister for School Education & Literacy Department, Sindh.
7. PS to Secretary School Education & Literacy Department, Govt. of Sindh, Karachi.
8. The Head Master concerned.
9. The Website.
10. The Office File.

SECTION OFFICER

# درسي ڪتابن ۾ ٻولي، موضوع ۽ معنويت جا مسئلا

## آن لائن مباحثو

5 مئي 2023ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 'سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم' جي سلسلي ۾ 'سنڌي ٻولي خطرا، موقعا ۽ تجويزون' جي سري هيٺ "درسي ڪتابن ۾ ٻولي، موضوع ۽ معنويت جا مسئلا" جي موضوع تي آن لائن مباحثو ٿي گذريو. هن مباحثي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ دانشور جامي چانڊيي سميت پروفيسر انور منصور مگريي ۽ عامر لطيف صديقي ماهر طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊاڪٽر رفيق وساڻ هن مباحثي جو ميزبان هو. مباحثي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي نامور اديب ۽ اسڪالر جامي چانڊيي چيو ته "ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ صوبي جي نصاب ۾ سڌارو آيو آهي، هن وقت سنڌ جو نصاب ڪافي بهتر آهي، سنڌ جي نصابي ڪتابن ۾ نوان موضوع به شامل ڪيا ويا آهن، پر ان موضوع جي معنويت جيڪا ٻار کي سمجهڻ کپي، اها اسان اجا گهرائيءَ ۾ سمجهائي نه سگهيا آهيون. ٻولي به اڳ جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿي آهي، پر اسان جي ٻولي جيتري ثقافتي هوندي، ايترو ٻار موضوع کي سمجهي




سگهندو. ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ بنيادي مسئلا درست ٿيا آهن، پر نصاب ۾ وڌيڪ ڪهڙا موضوع هجڻ کپن، اهو پاسو اڃا رهيل آهي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته هن وقت جيڪي درسي ڪتابن جا ليکڪ آهن، ڇا اهي سنڌ صوبي جي نصاب کي سمجهن ٿا يا نه؟ سنڌ ۾ استادن جي تربيت جو ڪو جوڳو نظام موجود ئي نه آهي." مباحثي ۾ حصو وٺندي مشهور سماج سڌارڪ ۽ تعليمي سرگرمين ۾ متحرڪ رهندڙ عامر لطيف صديقيءَ چيو ته "ٻار ۾ پهرئين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين سکڻ جي وڏي سگهه هوندي آهي، اهو جانچڻ ضروري آهي ته ٻار کي ڪهڙي موضوع ۾ وڌيڪ دلچسپي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪريڪيولم ۽ درسي ڪتابن ۾ وڏي وٿي موجود آهي، هر مضمون جو الڳ ڪريڪيولم هوندو آهي. بنيادي مسئلو اهو آهي ته اسان وٽ تحقيق تي ٻڌل مواد موجود ئي نه آهي."

پروفيسر انور منصور مگريي مباحثي ۾ ويچار ونڊيندي چيو ته "درسي ڪتابن جي ٻوليءَ ۾ سڌارو ته آيو آهي، پر هر درجي جي نصابي ڪتابن ۾ لفظن جي ذخيري، جملن ۽ بيهڪ جي نشانين جا مسئلا اڄ به موجود آهن ۽ پرائمري سطح تي جيڪي استاد هن وقت موجود آهن، انهن جي ٻوليءَ جي حوالي سان خاص ترتيب ٿيڻ گهرجي." لاڳاپيل موضوع تي مڪمل بحث ۽ چنڊڇاڻ کان پوءِ هي مباحثو پڄاڻي تي پهتو.






# 2023ع جو صدارتي ايوارڊ ماڻڻ تي اداري پاران مبارڪون



## نصير مرزا

(پرائيڊ آف پرفارمنس)

سنڌ جي نامور براڊڪاسٽر، شاعر، ڪالم نويس ۽ ڪمپيئر نصير مرزا 20 جولاءِ 1955 تي حيدرآباد ۾ ٽنڊي ٺوڙهي جي مشهور مرزا خاندان ۾ جنم ورتو.

نصير مرزا 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن شعبي مان ماسٽرس جي ڊگري پهرين پوزيشن سان ۽ 'فئڪلٽي ٽاپ' شاگرد طور حاصل ڪئي. 1984ع ۾ هن ايم.اي (سنڌي ادب) پڻ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪئي. عملي زندگيءَ ۾ پاڻ پهريان استاد طور ڪجهه مهينا نوڪري ڪئي، پوءِ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ۾ پي. آر. او طور ڪم ڪيم. 1984ع کان پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۾ ريڊيو پروڊيوسر طور نوڪري شروع ڪئي ۽ مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ترقي ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر جي پد تي پهتو. کيس 35 سالن جو فني تجربو حاصل آهي، جنهن ۾ ميوزڪ پراڊڪشن، دستاويزي فلمون، ۽ 50 کان وڌيڪ وائيس اوور شامل آهن. موسيقيءَ سان لڳاءَ هئڻ سبب نصير مرزا ريڊيو پاڪستان تي انيڪ ڌنون پڻ تخليق ڪيون ۽ ريڊيو حيدرآباد تان ڪيترا ئي فنڪار ۽ صداڪار متعارف ڪرايا ۽ پنهنجي دور جا مشهور ريڊيو پروگرام پڻ نشر ڪيا. نصير مرزا پنهنجو نرالو اسلوب رکندڙ شاعر ۽ نثر نويس آهي. نصير مرزا کي فني ۽ علمي خدمتن عيوض 'تمغه حسن ڪارڪردگي' (پرائيڊ آف پرفارمنس) 2023ع جو صدارتي ايوارڊ مليو آهي. ان کان اڳ کيس 2007ع ۾ شاهه لطيف ايوارڊ پڻ مليو. روزاني ڪاوش ۽ عبرت سميت مختلف اخبارن ۾ سندس شايع ٿيندڙ ڪالم، انٽرويو ۽ مضمون پسند ڪيا وڃن ٿا.

رٽائرمينٽ کانپوءِ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف پرفارمنگ آرٽس (سمپا) ڄامشوري جي ڊائريڪٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پاڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ انسٽيٽيوٽ آف پرفارمنگ آرٽس ڄامشوري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو آهي. پاڻ هن وقت آرٽس ڪائونسل آف حيدرآباد جو سيڪريٽري آهي. سندس طبعزاد توڙي ترتيب ڏنل ڪتابن جو تعداد 35 آهي



## مائي ڍائي

(پرائيڊ آف پرفارمنس)

مشهور لوڪ فنڪاره مائي ڍائي، ضلعي عمرڪوٽ جي ڳوٺ حويلي ٺڪر ۾ 1945ع ڌاري مڱڻهارن جي لانگاهه ٽُڪ ۾ جنم ورتو. ننڍپڻ کان هوءَ پنهنجي امڙ سان برادري جي شادين مرادين ۾ لوڪ گيت ۽ پچن ڳائيندي هئي. کيس سنگيت جي سکيا ٻاڙمير جي ڪنڊ ٻائيءَ کان حاصل ٿي. مائي ڍائي جڳ مشهور ميوزڪ سيريز 'ڪوڪ اسٽوڊيو' ۾ به فن جو مظاهرو ڪري عالمي شهرت ماڻي. مختلف ملڪن ۾ پڻ فن جو مظاهرو ڪيو. 2023ع جو پرائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ ملڻ تي ادارو کيس مبارڪباد ڏئي ٿو.



## علي دوست عاجز

(تمغه امتياز)

ناليواري شاعر علي دوست عاجز جو پورو نالو علي دوست محمد خان گانگچو آهي. سندس جنم 2 سيپٽمبر 1964ع تي فريد آباد، تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1992ع ڌاري رياضيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي. علي دوست مئٽرڪ ۾ پڙهڻ دوران شاعري شروع ڪئي. سندس پهريون شعر 1980ع ۾ روزاني 'آفتاب' اخبار جي هفتيوار ادبي صفحي ۾ ڇپيو. شاعريءَ ۾ شروعاتي رهنمائي جوهر بروهيءَ کان ورتائين. دادو ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران استاد بخاريءَ سان ملاقات سبب متس استاد جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو اثر پيو ۽ شاعريءَ جي لهجي ۾ استاد بخاريءَ جو اثر شامل ٿي ويو. هن استاد بخاريءَ جي ذات بابت ڪتاب 'آديسي استاد' تخليق ڪيو آهي. 1996ع کان سيلز ٽيڪس کاتي ۾ سينيئر آڊيٽر مقرر ٿيو. هن وقت اِن لئنڊ روينيو کاتي حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تي فائز آهي. علمي مڃتا طور کيس 2023ع ۾ صدارتي ايوارڊ 'تمغه امتياز' ملڻ تي ادارو مبارڪباد ڏئي ٿو. سندس 12 ڪتاب شايع ٿيل آهن.

## قادر بخش مٺو

(پرائيڊ آف پرفارمنس)



سنڌي مزاحيه فنڪار قادر بخش مٺو 22 فيبوري 1956ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ حسن محمد بلوچ جي گهر ۾ ڄائو. شروعاتي دور ۾ هو هوٽل تي بيراگيري ڪندو هو. هي ننڍپڻ کان ئي فلمن جي مختلف ڪردارن جو نقل ڪرڻ ۽ انهن جا آواز ڪڍڻ ۾ ماهر هوندو هو. هن دادوءَ جي ناليواري ڪاميڊين استاد محمد فقير جي شاگردي حاصل ڪري سکيا ورتي ۽ سڄي سنڌ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لڳو. قادر بخش مختلف ٻولين ڳالهائڻ سان گڏ جانورن ۽ پکين جي ٻوليءَ ۾ بهتر آواز ڪڍي سگهي ٿو. تازو کيس منفرد فني خدمتن عيوض صدارتي ايوارڊ تمغه 'حسن ڪارڪردگي' ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هن منفرد فنڪار کي ادارو مبارڪباد پيش ڪري ٿو.

## وڇوڙا

## گل حسن ڪلمتي




جنم: 5 جولاءِ 1957ع
وفات: 17 مئي 2023ع

نامور ليکڪ، صحافي ۽ محقق گل حسن ڪلمتي 5 جولائي 1957ع تي ڳوٺ حاجي عرضي بلوچ (گڏاپ، ڪراچي) محمد خان ڪلمتيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ايم. اي صحافت جي ڊگري (ماس ڪميونيڪيشن) ڪراچي يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. عملي زندگي دوران هو ضلعي ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ پبلڪ رليشنز آفيسر (PRO) ۽ پوءِ گڏاپ ٽائون ۾ (D.T.O ريگيوليشن) پڻ رهيو.

سندس تحقيق جو محور ڏاکڻي سنڌ جا شهر، قديم علائقا ۽ ساموندي پٽيءَ جي ثقافت رهيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'ڪراچي سنڌ جي مارئي' (ٻه ڇاپا)، 'هڪ رُڪل شهر جي تاريخ'، 'ڪالاش ڪافرستان جو ديس' (2011ع)، 'ڪراچي جا لافاني ڪردار' (2012ع) هن ڪتاب جو انگريزي ۾ ترجمو (Immortal Characters of Karachi) جي نالي سان امجد سراج ميمڻ ڪيو آهي. 'انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ'، 'برف جو دوزخ'، سنڌ جا ساموندي ٻيٽ' (2016ع)، 'عشق جون ڳليون' (2017ع)، 'سنڌوءَ جي سفر ڪهاڻي' (رضا علي عابديءَ جي ڪتاب جو ترجمو: 2017ع)، 'ڪراچي: انگريز دؤر جون مشهور عمارتون'، 'ملير جي ڪهاڻي'، 'سسئي جي واٽ' (رخمان گل پالاري سان گڏ لکيل) ۽ اردو مڪران (پاڪستان ۽ ايراني مڪران جو سفرنامو) شامل آهن. ماهوار 'لطيف' ڊائجسٽ جو سب ايڊيٽر، روزاني عوامي آواز جي هفتيوار صفحي 'موروڙي جو ماڳ' جو انچارج، ڊسمبر 1987ع کان جولاءِ 1989ع تائين ماروئڙا (ضلعي ڪائونسل جو ترجمان) جو ايڊيٽر، آڪٽوبر 1999ع کان جنوري 2001ع تائين ماهوار 'نئون نياپو' جو اعزازي چيف ايڊيٽر، عوامي آواز هلال پاڪستان، مشرق (اردو)، تعمير سنڌ ۽ سنڌ واچ نيوبارڪ جو رپورٽر رهي چڪو آهي. هن 'واءُ سواءُ' ۽ 'حال احوال' جي سري هيٺ ڪراچيءَ جي مختلف ڳوٺن ۽ اهم مسئلن تي ٺهيل دستاويزي (ڊاڪيومينٽريز) پروگرامن لاءِ تحريري ۽ تحقيقي ڪم ڪيو. هن ڪراچيءَ جي وسندين ۽ پراڻن ڳوٺن تي 'سنڌو ندي پياسا ماڻهو' دستاويزي فلم پڻ ناهي. ڪيس ثقافت کاتي جي 'شاهه لطيف ايوارڊ' سميت ڪيترن ئي ادارن طرفان اوارڊ ۽ سنَدون به مليون. 17 مئي 2023ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

## ڊاڪٽر حيدر سنڌي



جنم: 5 آڪٽوبر 1939ع
وفات: 19 آگسٽ 2023ع

ناميارا اديب ۽ محقق ڊاڪٽر حيدر سنڌي 19 آگسٽ 2023ع تي هي جهان ڇڏيو. سندس وفات تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ۽ سيڪريٽري ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو وڇوڙو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ فدائيءَ جو وڇوڙو آهي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو اصل نالو غلام حيدر ولد حاجي علي مراد پرڙو هو. 5 آڪٽوبر 1939ع تي تعلقي موري جي ڳوٺ مبارڪ پرڙي ۾ ڄائو. سندس پي ايچ ڊي مقالي جو عنوان "پاڪستان جي صوبائي ۽ علائقائي زبانن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت" هو. پاڻ 1974ع ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر اسلام آباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هن قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. جتي پوءِ ڊائريڪٽر ٿيو ۽ 1999ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سندس علمي پورهيي جو خاص موضوع لسانيات آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. هيءُ سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ سجاڳ سنگت موري سان به واڳيل رهيو. صحافت به ڪيائين. سندس سرواڻيءَ ۾ 'پريات'، 'ڦلواڙي' ۽ 'وطن' اخبارون جاري ٿيون. هن ڪيترائي تحقيقي مضمون ۽ مقالا به لکيا. سندس هڪ ڪتاب 'ٻولين جا سر چشما' 1988ع ۾ ڇپيو. 'هندڪو سنڌو ماٿري جي قديم ٻولي' سندس بهترين مقالن مان هڪ آهي. ڊاڪٽر حيدر سنڌي، مشرقي ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر اينمري شمل جي هڪ انگريزي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو 'سنڌي ادب جي ارتقا' جي نالي سان 1981ع ۾ شهيد عبدالرزاق اڪيڊميءَ موري طرفان ڇپيل آهي. حيدر سنڌيءَ جي ڇپيل ٻين ڪتابن ۾ : (1) سنڌ جون چند ذاتيون، (2) پاڪستاني ٻوليون، (3) شاهه آفاقي شاعر، (4) ته زباني لغت، (5) ديسي پرديسي گل (ترتيب- افسانا)، (6) سنڌي زبان و ادب ڪي ارتقا (اردو ڪتاب)، (7) پاڪستان ڪا لساني ورثه (اردو) وغيره شامل آهن.

## محمد ابراهيم ڪنير

وفات: 14 مئي 2023ع



14 مئي 2023ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو اڳوڻو مارڪيٽنگ مئنيجر محمد ابراهيم ڪنير وفات ڪري ويو. ڪجهه هفتا بيمار رهڻ بعد هن حيدرآباد جي هڪ نجي اسپتال ۾ 48 سالن جي ڄمار ۾ دم ڏٺي حوالي ڪيو. سندس جنازي نماز ٽنڊي غلام علي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري امين لغاري، عملدارن خالد آزاد، زاهد اوٺي، سليم جروار، ٻين ملازمن سميت مقامي سياسي، سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. هُن ڪجهه مهينا اڳ وقت کان اڳ رٽائرمينٽ ورتي هئي. سندس وفات تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته "پنهنجي سٺ جي ساٿيءَ جي وڇوڙي تي صدمو رسيو آهي. سندس گهر ڀاتين سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. اداري جا سڀ عملدار کيس سٺن لفظن ۾ ياد رکندا.




# اداري جي ساليانيِ ڪارڪردگي

[5 آگسٽ 2022ع کان 8 آگسٽ 2023ع]

سنڌ حڪومت جي نوٽيفڪيشن تحت پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي 5 آگسٽ 2023ع تي ٽن سالن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن طور چارج وٺڻ کان پوءِ، هلندڙ ڪمن ۽ رٿائن کي جاري رکڻ سان گڏ، نين رٿائن تي پڻ ڪم شروع ڪيو. آگسٽ 2022ع کان جولاءِ 2023ع تائين جي ساليانيِ ڪارڪردگي هيٺينءَ ريت رهي:

■ **ڪتابن، لغتن، تحقيقي جرنلن ۽ خبرنامي جي ڇپائي:**

مالي سال 23_2022ع ۾ هيٺيان ڪتاب، لغتون، تحقيقي جرنل ۽ خبرناما ڇاپي پڌرا ڪيا ويا:

■ **ڪتاب ۽ لغتون:**

1. سنڌي ٻوليءَ جو سرڪاري ۽ دفتري ڪارج (مختيار احمد ملاح)
2. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (نئون ڇاپو: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي)
3. سنڌ لکت جي ڀاڃ ۾ روسي ماهرن جو حصو (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو)
4. شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت (ڊاڪٽر فياض لطيف)
5. سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا (نئون ڇاپو: ڊاڪٽر شازيه سفير)
6. سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو علمي اڀياس (مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي)
7. شيخ اياز جي شاعريءَ جو سماجي لسانياتي اڀياس (پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ)
8. ڏاتڪي سنڌي لغت: جلد پهريون (عبدالڪريم آزاد سميجو)
9. ڏاتڪي سنڌي لغت: جلد ٻيون (عبدالڪريم آزاد سميجو)
10. محمدي قانون (ترجمو: مير محمد سولنگي)
11. سنڌي ادبي جي تاريخ (گڏيل جلد: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)
12. سنڌي اصطلاحن جي لغت (مرتب: مصور حسين)
13. سنڌي صوتيات (نئون ڇاپو: ڊاڪٽر غلام علي الانا)
14. سنڌ لئنڊ روينيو ائڪٽ (نئون ڇاپو: مير محمد سولنگي)
15. قانونِ شهادت (ترجمو: حسين بادشاهه)
16. سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر (نئون ڇاپو: ڊاڪٽر غلام علي الانا)

■ **تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي':**

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي' گذريل سال کان ونئي نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ شايع ڪيو پيو وڃي. مالي سال 23_2022ع ۾ هيٺيان ٽي شمارا شايع ڪيا ويا:

1. جلد پندرهون، شمارو پهريون، جون 2022ع
2. جلد پندرهون، شمارو ٻيون، ڊسمبر 2022ع
3. جلد سورهون، شمارو پهريون، جون 2023ع

■ **خبرناما 'سنڌي ٻولي':**

1. جلد ٽيويهون، شمارو پهريون، 2022ع،
2. جلد ٽيويهون، شمارو ٻيون، 2023ع

مالي سال 23_2022ع ۾ 'سنڌي ٻولي' خبرنامي جا هيٺيان شمارا شايع ڪيا ويا.

■ **پروگرام، ڪانفرنسون، سيمينار، آن لائن مباحثا ۽ تربيتي ورڪشاپ:**

مالي سال 23_2022ع دوران هيٺيان پروگرام، ڪانفرنسون، سيمينار ۽ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا:

■ **ڪانفرنسون:**

1. 'سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جو ادب: نوان لاڙا، موضوع ۽ جديد دور جون گهرجون: قومي ڪانفرنس (20 نومبر 2022ع)
2. **'سنڌي ٻولي، سنڌ ولکت ۽ خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون'**: عالمي ڪانفرنس (21 ۽ 22 فيبروري 2023ع)

■ **آن لائن مباحثا:**

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 'سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون' عنوان هيٺ آن لائن مباحثن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. گذريل مالي سال دوران هيٺيان آن لائن مباحثا منعقد ڪيا ويا:

1. سنڌي ٻولي ۽ سماجي رويا: آن لائن مباحثو 17 آگسٽ 2022ع
2. ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي: آن لائن مباحثو 2

سيپٽمبر 2022ع
3. شاهہ لطيف ۽ سنڌي ٻولي: آن لائن مباحثو 12 سيپٽمبر 2022ع
4. ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻولي: آن لائن مباحثو 6 جنوري 2023ع
5. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون خُسناڪيون: آن لائن مباحثو 9 مارچ 2023ع
6. درسي ڪتابن ۾ ٻولي، معنويت، موضوع ۽ مسئلا: آن لائن مباحثو 5 مئي 2023ع

■ **سيمينار:**

1. امداد حسيني: سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتون: سيمينار، 10 آڪٽوبر 2022ع
2. شوڪت حسين شورو: علمي ادبي خدمتون (ثقافت کاتي سان گڏ) سيمينار، 9 نومبر 2022ع
3. سنڌي ٻوليءَ جي آئيوِنا: سيمينار ۽ ادبي انعامن واري تقريب، 13 جولائي 2023ع

**تربيتي ورڪشاپ:**

1. سنڌي صورتخطي: مسئلا ۽ حل، ورڪشاپ: 2 آڪٽوبر 2022ع
2. 'سنڌي مضمون پڙهائڻ دوران پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مسئلا: تربيتي ورڪشاپ، 11 نومبر 2022ع
3. ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درست واهپو: ٻن ٻن ڏينهن جا ٻہ تربيتي ورڪشاپ، 30 جنوري کان 2 فيبروري 2023ع
4. ڪٽي، ان جي ايڊيٽنگ ۽ پروف پرهڻ جي فن بابت تربيتي ورڪشاپ، 13 جنوري 2023ع
5. ترجمي جو فن ۽ ان جا اصول: هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ، 16 مارچ 2023ع
6. درسي ڪتابن جي ٻوليءَ جو جائزو: پهريون ورڪشاپ 2 جون 2023ع
7. درسي ڪتابن جي ٻوليءَ جو جائزو: ٻيون ورڪشاپ 8 ۽ 9 جولاءِ 2023ع

■ **سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم:**

سنڌي ٻوليءَ ڏانهن محبت ۽ وابستگيءَ جي جذبي کي وڌائڻ ۽ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ واهپي کي يقيني بنائڻ جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 'سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم' جي عنوان سان هڪ تحريڪ شروع ڪئي وئي آهي. هن ڏس ۾ هيٺيون ريت سرگرميون منعقد ڪيون ويون آهن:

■ **پروگرام:**

1. سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جي افتتاحي تقريب: 27 سيپٽمبر 2022ع
2. سنڌي ٻولي جاڳرتا ريلي، 4 آڪٽوبر 2022ع
3. علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙيءَ ۾ پروگرام، 15 ڊسمبر 2022ع
4. عمرڪوٽ ۾ ٻارن لاءِ ٻولي ۽ ثقافت جو ٻن ڏينهن وارو ميلو: 21 ۽ 22 جنوري 2023ع

■ **گڏجاڻيون:**

1. چيئرمئن صاحب جي لياقت ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز يونيورسٽي، ڄامشورو جي وائيس چانسلر سان گڏجاڻي، 15 آگسٽ 2022ع
2. چيئرمئن صاحب جي سنڌي زرعي يونيورسٽي، ڄامشورو جي وائس چانسلر سان گڏجاڻي، 22 آگسٽ 2022ع
3. چيئرمئن صاحب جي شهيد الهہ بخش يونيوريسٽي آف آرٽس اينڊ هيريٽيج، ڄامشورو جي وائس چانسلر سان گڏجاڻي، 29 آگسٽ 2022ع
4. چيئرمئن صاحب جي ڪمشنر حيدرآباد سان گڏجاڻي، 2 ڊسمبر 2022ع
5. چيئرمئن صاحب جي شاهہ لطيف يونيورسٽي، خيرپور جي وائيس چانسلر سان گڏجاڻي، 15 آگسٽ 2022ع

■ **لکپڙهہ:**

1. سنڌ جي سمورن ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي، ضلعن ۽ ڊويزنن اندر سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ لاءِ خط
2. سنڌ جي سمورن ميئرن ۽ ضلعي چيرمئنن کي، ضلعن ۽ ڊويزنن اندر سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ لاءِ خط
3. سنڌي جي سمورن ڊي آءِ جين کي پوليس کاتي اندر مقامي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ جي ڏس ۾ خط
4. اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر کي، سنڌ اندر بئنڪن ۾ بئنڪ اسٽيٽمينٽن، چيڪ بڪن، اي ٽي ايم مشينن ۽ کاتا کولڻ وارن فرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ خط
5. سيڪريٽري تعليم ۽ خواندگي کاتي کي، سنڌ اندر خانگي اسڪولن ۾ سنڌي مضمون پڙهائيندڙ استادن جي سکيا لاءِ سهڪار ڪرڻ جو خط

■ **خانگي اسڪولن ۾ سنڌيءَ جي تعليم ۽ تدريس ۾ ٿيندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ شڪايتي مرڪز جو قيام:**

سنڌي مضمون نہ پڙهائيندڙ خانگي تعليمي ادارن جي نشاندهيءَ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ هڪ 'شڪايت مرڪز (Complaint center)' قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ شڪايتون موصول ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي. موصول ٿيندڙ تفصيل سيڪريٽري تعليم ۽ خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن واري ڊائريڪٽوريٽ کي موڪليا ويندا آهن. نتيجي ۾ خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن واري ڊائريڪٽوريٽ طرفان نوٽيس وڃي، لاڳاپيل اسڪولن جي انتظاميہ کي سختيءَ سان پابند ڪيو آهي. اداري ميڊيا ۾ اهو پڻ پڌرو ڪيو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ اهڙا خانگي اسڪول جيڪي سنڌي نہ پڙهائيندا هجن يا اسڪول اندر سنڌي ڳالهائڻ تي پابندي هجي، شاگردن جا والدين اهڙن ادارن جي نشاندهي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جا بااختيار اداري ۾ قائم 'شڪايت مرڪز' ۾ خط/اي ميل يا ڏنل (complaintcen@sindhila.edu.pk) 0301_3671004 واٽس ائپ نمبر وسيلي رابطو ڪن.

■ **سنڌي لئگئيج سينٽر/سنڌي سکيا مرڪزن جو قيام:**

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ 'سنڌي سکيا مرڪز' قائم ڪيا ويا آهن. جتي سنڌي نہ ڄاڻندڙ فرد، خانگي اسڪولن ۾ سنڌي مضمون پڙهائيندڙ استاد ۽ 'آن لائن سنڌي سکڻ' جا خواهشمند

فرد سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي سکيا حاصل ڪري سگهندا. ڄاڻايل 'سنڌي سکيا مرڪزن' ۾ سنڌي نه ڄاڻندڙ يا سنڌي سکڻ جي خواهشمند فردن لاءِ ٽن مهينن جو ڊپلوما ڪورس، خانگي اسڪولن ۾ سنڌيءَ جو مضمون پڙهائيندڙ استادن لاءِ هڪ مهيني جو سرٽيفڪيٽ ڪورس ۽ 'آن لائن سنڌي سکيا' جي خواهشمندن لاءِ مستقل آن لائن سکيا جو بندوبست ڪيو پيو وڃي. هن سلسلي ۾، اٿارٽيءَ پاران داخلا فارم اداري جي ويب سائيٽ ۽ سماجي رابطن وارين ويب سائيٽن تي رکيا ويا آهن، جن ذريعي داخلا وارو عمل جاري آهي. واضح رهي ته 'سنڌي سکيا مرڪز' حيدرآباد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي دفتر، ڪراچيءَ ۾ ثقافت کاتي جي لياقت نئشنل لائبريري ۽ سکر ۾ آرٽس ڪائونسل آف سکر ۾ هلائڻا آهن.

## ▪ سنڌيءَ ۾ ڇپيل سمورن ڪتابن جي موضوع وار ببليوگرافي ٺاهڻ:

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل سمورن ڪتابن جي موضوع وار ببليو گرافي تيار ڪرڻ لاءِ باقاعدي هڪ سيل قائم ڪيو ويو آهي، جتي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل سمورن ڪتابن جا انگ اکر گڏ ڪيا پيا وڃن. اهڙيءَ ريت اخبارن، ٽي وي چئنلن توڙي سماجي ميڊيا جي ذريعي سمورن قلمڪارن کي گذارش پڻ ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجن ڇپيل ڪتابن جا تفصيل موڪلين. هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ٻارن جي سمورن ڪتابن تي ٻڌل ببليوگرافيءَ جو پهريون مسودو مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ٻين موضوعن تي ڪم جاري آهي.

## ▪ سنڌي ٻولي، لسانيات ۽ سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ شاگردن لاءِ اسڪالرشپن جو اعلان:

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران سنڌ جي يونيورسٽين ۾، سنڌي ٻولي، لسانيات ۽ سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ ايم. اي، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو ويو آهي. ميڊيا جي مختلف ذريعن تي اعلان ڪرڻ کان پوءِ شاگردن جون درخواستون وصول ٿيڻ شروع ٿيون. جڏهن ته هن ڏس ۾ "شاگرد اسڪالرشپ ڪميٽيءَ" جي گڏجاڻي، اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ۽ نامور اسڪالر جناب جامي چانڊيي جي سربراهيءَ ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ "سنڌي ٻولي، لسانيات ۽ سنڌو لکت" جي موضوعن تي ايم. اي، ايم فل ۽ پي ايڇ ۾ تحقيق ڪندڙ اسڪالرن پاران موڪليل تحقيقي خاڪن ۽ رٿن جو جائزو ورتو ويو ۽ مختلف فيصلا ڪيا ويا. گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران موڪليل تحقيقي خاڪا منظور ڪيا ويا، جڏهن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپورميرس پاران موڪليل ايم. فل جي تحقيقي خاڪن جا وڌيڪ تفصيل گهرايا ويا، جنهن لاءِ ٻيهر خط به لکيا ويا آهن.

## ▪ اسڪولن تي عالمن، اديبن ۽ استادن جا نالا رکڻ:

سنڌ جي تعليم کاتي،سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي چاليهين اجلاس ۾ ڪيل مطالبي کي مانُ ڏيندي، (چيئرمئن پاران لکيل خط جي موٽ ۾) مختلف سرڪاري اسڪولن تي سنڌ جي نامور عالمن، اديبن ۽ رول ماڊل استادن جا نالا رکڻ شروع ڪيا آهن. تعليم ۽ ثقافت کاتي جي وزير سيد سردار شاهه صاحب جي ذاتي دلچسپيءَ سبب هن مطالبي کي وقت سر قبوليت ملي آهي، گڏوگڏ سيڪريٽري تعليم (اسڪول) اڪبر لغاريءَ پڻ مطالبي جي اهميت کي سمجهندي، هر قسم جو تعاون ڪيو ۽ ابتدائي طور ڪجهه اسڪولن جي نالن جا نوٽيفڪيشن به جاري ڪيا

## ▪ ان لائن سنڌي ٻولي لائبريءَ جو قيام:

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، قهلاءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ عالمن ۽ محققن جي علمي مدد لاءِ 'آن لائن سنڌي ٻولي لائبرري' جوڙي آهي. سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ۽ ٿيندڙ تحقيق تي ٻڌل، هي آن لائن پورٽل ٽيڪسٽ، آواز ۽ وڊيو مواد تي ٻڌل آهي، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل هر قسم جي علمي مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ آهي. هن پورٽل جو هڪ مقصد اهو به آهي ته دنيا جي جديد رجحان يعني ويب تي هڪ علمي ۽ تحقيقي پليٽ فارم جوڙيو وڃي، جنهن سان سنڌ، پاڪستان توڙي سموريءَ دنيا ۾ رهندڙ اديبن، تعليمي ماهرن ۽ محققن جي سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل مواد ۽ علمي دستاويزن تائين پهچ کي آسان بڻايو وڃي. ويب تي موجود سنڌي ٻوليءَ جا اهم ذريعا، ٻوليءَ تي ڪيل ڪمن جي فهرست، پراڻا دستاويز ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن، تحقيقي جرنلن ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇپيل مواد کي مختلف ڀاڱن ۾ ورهائي، ڊجيٽلائيز ڪجي ته جيئن لسانيات، ٻوليءَ جي تاريخ، ٻڻ ٻڻياد، وياڪرڻ، صوتيات، سماجي لسانيات، لغتن ۽ سنڌو لکت بابت مواد مان وڌ ۾ وڌ ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن.

## ▪ سنڌي ٻوليءَ ڏانهن محبت ۽ وابستگيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ مختصر فلمون (Short Film) ٺاهڻ جو اعلان:

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ وابستگيءَ جو جذبو اڀارڻ لاءِ مختصر فلمن جي تياريءَ جو اعلان ڪيو ويو آهي. هن ڏس ۾ ميڊيا تي اعلان کان پوءِ مختلف حلقن پاران مختصر فلمن جا ون لائينر موڪليا پيا وڃن. اهڙيون مختصر فلمون تيار ڪرائي اداري جي ويب سائيٽ تي رکيون وينديون.

## ▪ ڏنڌي وار لغتن جي تياري ۽ اشاعت:

اداري پاران مختلف ڏنڌن، ڪِرتن ۽ ڪمن ڪارن جي اصطلاحن تي ٻڌل ڏنڌي وار لغت تيار ڪرڻ لاءِ اعلان ڪيو ويو آهي. هن ڏس ۾ مختلف ڏنڌن ۽ ڪِرتن سان واسطو رکندڙ ماڻهو اداري سان رابطو ڪري رهيا آهن، جن جا تحقيقي خاڪا، اداري جي اشاعتي ڪميٽيءَ ۾ رکي، منظور ڪرايا ويندا.

# ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي ۾ لکپڙهه ۾ اڳڀرايون


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
Sindhi Language Authority


آفيس آف دي ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا اداري پاران ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي هيٺ مڪاني حڪومتن جي ڪاروهنوار ۽ روزانيءَ جي لکپڙهه ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي يقيني بنائڻ لاءِ مختلف ضلعي ۽ ڊويزنل عملدارن، ڪائن ۽ چونڊيل نمائيندن کي خط ڪيا ويا آهن.

اداري جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صحيءَ سان جاري ٿيل خط ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن جي چونڊيل ضلعي چيئرمئنن، ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنن جي ميئرن، ڊويزنن جي ڪمشنرن ۽ ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن سميت پوليس کاتي جي ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز کي خط لکي، ان ڳالهه جي صلاح ڏني وئي آهي ته اهي پنهنجي روزانيءَ جي لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن، جڏهن ته ادارن ۽ کاتن جي نالن وارا بورڊ اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ ضرور لکيا وڃن، دفترن ۾ نالن ۽ عهدن واريون تختيون به سنڌيءَ ۾ لکيون وڃن، جنم، موت ۽ رهائشي سرٽيفڪيٽ (سنڌون) سنڌيءَ ۾ جاري ڪيون وڃن.

ان کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، سنڌ جي مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن سان ملاقاتون ڪري ، يونيورسٽين اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهه کي يقيني بنائڻ ۽ شعبن جي نالن ۽ مختلف عهدن جون تختيون بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائڻ لاءِ زور ڀريو. نتيجي ۾ زرعي يونيورسٽي ۽ ڪجهه ٻين يونيورسٽين پنهنجي داخلي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ شروع ڪري ڇڏي آهي. ٻئي پاسي سنڌي ٻوليءَ جي باختيارا اداري جي رابطي ڪرڻ کانپوءِ ميرپوخاص ڊويزن جي ڪمشنر شفيق مهيسر جي هدايت تي، مقامي سطح تي روينيو کاتي سنڌيءَ ۾ لکپڙهه شروع ڪري ڏني آهي، جنهن جون ڪاپيون سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا اداري کي اطلاع لاءِ موصول ٿيون پيون. گڏوگڏ مختلف ميونسپل ڪارپوريشنز ۾ سرڪاري اعلان پڻ سنڌيءَ ۾ جاري ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ ريت اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کي سنڌ اندر اي ٽي ايم مشينن ۾ سنڌيءَ جي آپشن کي رکڻ، چيڪ بوڪ، بئنڪ اسٽيٽمينٽ، بئنڪ کاتن جا فارم انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ جاري ڪرڻ ۽ ٻين معاملن تي گورنر اسٽيٽ بئنڪ کي پڻ خط لکيو ويو آهي. نتيجي ۾ مسلم ڪمرشل بئنڪ طرفان پنهنجي ’هيلپ لائين‘ تي انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌي نمائندو پڻ رکيو آهي. اهي سڀ اڳڀرايون ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي ڪاميابيءَ جي شروعات آهي.




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي تجويزن تي سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پاران يونيورسٽي اندر مختلف شعبن ۽ جاين تي سنڌيءَ ۾ بورڊ لڳائڻ جي شروعات هڪ ساراهه جوڳو عمل آهي. سنڌ جي ٻين يونيورسٽين جي انتظاميا مان پڻ ساڳي اميد ۽ اڳڀرائين جو انتظار رهندو.

# سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو




## ’سنڌي ٻولي سکيا‘ مرڪزن جو قيام

### سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران
### ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾

”سنڌي ٻولي سکيا مرڪز“ قائم ڪيا ويا آهن، جتي سنڌي نہ ڄاڻندڙ فرد، خانگي اسڪولن ۾ سنڌي مضمون پڙهائيندڙ استاد ۽ ’آن لائن سنڌي سکيا‘ جا خواهشمند فرد سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي سکيا حاصل ڪري سگهندا.

**ڪراچي:** لياقت نيشنل لائبرري
**حيدرآباد:** سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
**سکر:** سکر آرٽس ڪائونسل

**1 سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي سکيا**
ٽن مهينن جو سکيا ڪورس
(سنڌي نہ ڄاڻندڙ فردن لاءِ)

**2 سنڌي ٻوليءَ جي عملي سکيا**
هڪ مهيني جو سکيا ڪورس
(خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ)

**3 سنڌي ٻوليءَ جي آن لائن سکيا**
(گهرويٺي سنڌي سکيا جو ڪورس)

دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري جي ويبسائيٽ تي فارم ڀري موڪلي سگهن ٿا.

www.sindhila.org

وڌيڪ رابطي لاءِ
Email: sindhiclass@sindhila.edu.pk